

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد 02) خميس 22 جون 2023 ع بمطابق 03 ذوالحج 1444هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 28

قدرتي آفتون، وڌندڙ قرض ۽ توانائي جهڙا مسئلا پريشان ڪندڙ آهن: شهباز شريف

عالمي مالياتي ڍانچي ۾ سڌارا هڪ ڊگهي وقت کان اهم مطالبو رهيو آهي

اهو مطالبو عالمي ماهرن ۽ اڳواڻن مختلف فورمن تي ڪيو آهي

مسئلن جي گلوبلائيزيشن تي غور لاءِ تخليقي انداز اختيار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي

نيو گلوبل فنانسنگ پيڪٽ سمٽ عالمي مالياتي نظام ۾ جامع سڌارن ۽ قدمن تي اتفاق جو موقعو آهي

فرانس جي دوري دوران عالمي مالياتي ادارن کي بهتر منظم ڪرڻ جي ضرورت تي موقف پيش ڪندس

پاڪستان موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ملڪ جي حيثيت سان ان ڪردار لاءِ بهتر پوزيشن ۾ آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)وزير اعظم شهباز شريف چيو آهي ته موسمياتي تبديلي، قدرتي آفتون، وڌندڙ قرض ۽ توانائي جهڙا چئلينجز خطري جي گھنٽي آهن سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ شهباز شريف چيو ته عالمي مالياتي ڍانچي ۾ سڌارا هڪ ڊگهي وقت کان اهم مطالبو رهيو آهي، اهو مطالبو عالمي ماهرن ۽ اڳواڻن مختلف فورمن تي ڪيو آهي.وزيراعظم شهباز شريف جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ جي 312 ارب رپين جي ضمني بجيٽ منظور

وفاقي حڪومت ٻوڏ متاثرن لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي، ٻوڏ لاءِ 25 ارب رپيا به مختص ڪيا ويا آهن : مراد علي شاهه

وفاقي حڪومت اسان کي 25 ارب ڏيڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي آهي، اسان ٻوڏ متاثرن جي گهرن لاءِ 2 ملين رپيا رکيا آهن

4 جي اسڪيم لاءِ 6 ارب رپيا رکيا ويا آهن. جنهن لاءِ 3 ارب سنڌ ۽ 3 ارب وفاق ڏيندو 152 ڪٽ موشن آهن

هن وقت تائين بجيٽ ۾ 97 ڏنا آهن، ڪٽ موشن تيار ڪرڻ ۾ ميمبرن محنت ڪئي آهي، مان انهن ڪٽ موشن سان متفق ناهيان

اسان جون ڪيترين ئي ملاقاتون آن لائين هونديون آهن جيڪي اسان کي پئسا بچائينديون آهن. توهان کي اسان کان خرچن بابت پڇڻ جو حق آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ سنڌ جي 312 ارب رپين جي ضمني بجيٽ جي منظوري ڏني وئي. ضمني بجيٽ جي 312 ارب رپين مان 55 ارب رپيا ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي خرچ ڪيا ويا. انهن 312 ارب رپين مان 55 ارب رپيا ڪٽڪ جي سبسڊي ۽ 19 ارب رپيا قرض جي واپسي جي مد ۾ ڏنا ويا. ضمني بجيٽ جي 312 ارب رپين مان 43 ارب رپيا صحت ۽ 16 ارب رپيا بجلي جي مد ۾ شامل آهن. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته وفاقي حڪومت اسان سان واعدو ڪيو آهي ۽ ان واعدي تي پروسو ڪري رهيا آهيون. سنڌ اسيمبلي 24-2023 ع جي بجيٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي، ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

جسٽس قاضي فائز جي نئين چيف جسٽس طور مقرريءَ جي منظوري

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي چيف جسٽس طور مقرري 17 سيپٽمبر 2023 تي ٿيندي

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ساڳي تاريخ تي چيف جسٽس آف پاڪستان طور حلف کڻندو

هاڻوڪو چيف جسٽس عمر عطا بنديال 16 سيپٽمبر 2023 تي رٽائر ٿيندو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)صدر عارف علوي سپريم ڪورٽ جي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کي چيف جسٽس بڻائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، چيف جسٽس عمر عطا بنديال آئين جي آرٽيڪل 179 تحت 16 سيپٽمبر 2023 تي رٽائر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

چيف جسٽس عمر عطا بنديال ۽ جسٽس فائز عيسيٰ

مرتضيٰ وهاب ڪراچي پورٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز ۾ شامل

ڪابينه بورڊ جو ٻن سالن جو مدو ختم ٿيڻ تي هڪ سال جي وڌيڪ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي ٽن اعتراضن جي باوجود بورڊ جي هڪ سال لاءِ واڌ ڪئي وئي آهي : ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب کي ڪراچي پورٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز ۾ شامل ڪيو ويو وفاقي ڪابينه ڪراچي پورٽ جي بورڊ آف ٽرسٽيز بابت غير معمولي فيصلو ڪيو ڪابينه بورڊ جو ٻن سالن جو مدو ختم ٿيڻ تي هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جيئي ڀٽو سلوگن صدين تائين رهندو: قائم علي شاهه

شهيد بينظير ڀٽو جي زندگي اسان لاءِ مشعل راهه آهي، سندس جدوجهد کي هزارين سالن تائين ياد رکيو ويندو

معاف ڪجو! مان عينڪ گهر وساري آيو آهيان، ڪجهه غلطي ٿي وڃي ته معاف ڪجو

شهيد بينظير ڀٽو ننڍي عمر ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت سنڀالي ۽ جيئي ڀٽو سلوگن کي اڳتي وڌايو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه شهيد بينظير ڀٽو جي سالگره تي ڪيس ڪپيتا پيش ڪرڻ وارو نهرو پيش ڪندي چيو آهي ته جيئي ڀٽو جو سلوگن صدين جاري رهندو قائم علي شاهه چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عمران خان تي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ جو فيصلو قانون موجب ٿيندو: اعظم نذير تارڙ

گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) شاهدين گڏ ڪري وٺي پوءِ سفارشن تي عمل ڪنداسين

چوندس وزيراعظم کي هتائي هڪ شخص کي آٽڻ جي لاءِ هڪ راند ڪيڏي وئي هئي

واپسي جي حوالي سان نوازشريف جو روڊ ميپ ڏينداسين ان تي عمل ٿيندو، چوند مهم جي قيادت نوازشريف پاڻ ڪندو

لنڊن (م د) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته عمران خان تي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ جو فيصلو قانون موجب ٿي ڪيو ويندو لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي قانون واري وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سپريم ڪورٽ جو اڳوڻو جج
قاضي محمد امين دل جو دورو
پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

اسلام آباد(م د) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جو اڳوڻو جج قاضي محمد امين دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو آهي. چڪوال سان تعلق رکندڙ قاضي محمد امين جي عمر 66 سال هئي. جسٽس(ر) قاضي محمد امين جي لاڏاڻي جي تصديق سندس گهر ڀاتين طرفان ڪئي وئي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پريا نادرا سينٽر تي ڳوٺاڻن مٿان تشدد، ڊي ايس پي جو گارڊ عورتن کي گهليندو رهيو

اهلڪارن عورتن کي وارن کان گهلي تذليل جو نشانو بڻايو، شهري تماشو ڏسندا رهيا

پوليس تشدد جي ڪوريج ڪندڙ صحافي يوسف سومرو کان موبائل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

پريا سٽي (رپورٽر) پريا نادرا سينٽر تي ڪارڊ ٺهرائڻ آيل ڳوٺاڻن کي مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو ويو، جڏهن ته عورتن کي به گهلي تذليل جو نشانو بڻائڻ جا الزام سامهون آيا آهن متاثرن موجب ڊي ايس پي پريا جو گارڊ قربان شر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ميئر جي چونڊ ڪالعدم قرار ڏيڻ لاءِ درخواست ڏيون پيا: حافظ نعيم

اليڪشن ڪميشن ۽ پي پي ٻئي هڪ ٻئي جا سهولتڪار آهي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي اليڪشن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀ ڄاڻين ٿا

انسانن کي گم ڪري قوم سان مذاق ڪئي وئي جماعت اسلامي جعلي مينڊيٽ کي قبول نه ڪندي

50 سالن کان هي ماڻهو حڪومت ۾ آهن 15 سالن کان هي پي پي مستقل سنڌ حڪومت ۾ آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچي جي ميئر جي چونڊ کي ڪالعدم قرار ڏيارڻ لاءِ اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان

اسٽيبلشمينٽ جو ملڪ رياض سان رعايت ڪان ڪتو جواب

ملڪ رياض دبئي ۾ وڃي آصف زرداري سان ملاقات ڪئي: صحافي

ملاقات ۾ ملڪ رياض اها به آصف زرداري کي درخواست به ڪئي هئي

لاهور(م د) اسٽيبلشمينٽ ملڪ رياض کي القادر يونيورسٽي ڪيس ۾ معافي ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏئي ڇڏيو آهي.ان سلسلي ۾ ناميارو صحافي معظم فخر جو چوڻ آهي ته ملڪ رياض دبئي ۾ وڃي آصف زرداري سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نئين وزيراعظم لاءِ وڏو چئلينج، 45 ايم اين ايز جو گروپ هجڻ جو انڪشاف

محب وطن پاڪستانين جي 45 ايم اين ايز جو هڪ آزاد گروپ هوندو: حامد مير

آزاد ماڻهو جيڪڏهن چاهيندا ته وزيراعظم جي حمايت ڪندا ۽ تڏهن ئي ڪو وزيراعظم ٿي سگهندو

ڪراچي (م د) اليڪشن جي موسم ويجهي ايندي پئي وڃي ۽ سياسي پارٽين جا مختلف هنڌن تي جلسا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا.پي ٽي آءِ ڪانٿو جهانگير ترين پارٽي ناهي ڇڏي آهي ۽ هاڻي ن ليگ ۽ پيپلزپارٽي مضبوط پارٽيون آهنيرتشين وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪور ڪمانڊر هائوس ڪيس: پي ٽي آءِ چيئرمين سوڌو 5 جوابدار طلب

جي آءِ ٽي بشريٰ بيبي، حماد اظهر، حسان نيازي ۽ مراد سعيد کي طلب ڪري ورتو

جوابدار سرور روڊ ٿاڻي تي داخل ڪيس جي جاچ لاءِ پيش ٿين: طلبي نوٽيس جو متن

سول لائينز ۽ ماڊل ٽائون جا ايس پي پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيشي کي يقيني بڻائين

اسلام آباد (م د) ڪور ڪمانڊر هائوس لاهور تي حملي واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين سوڌو 5 جوابدارن کي طلبي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهنجي آءِ ٽي بشريٰ بيبي، حماد اظهر، حسان نيازي ۽ مراد سعيد کي طلب ڪري ورتو آهيپي ٽي آءِ چيئرمين سوڌو ٻين کي جاري طلبي نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته جوابدار اڄ رات تائين سرور روڊ ٿاڻي تي داخل ڪيس جي جاچ لاءِ پيش ٿيندنوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير رانا ثناءالله جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿي رهيو آهي

ايف آءِ اي جيل مان آزاد ٿيڻ بعد پرويز الاهي کي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

ايف آءِ اي فوري طور پرويز الاهي خلاف مني لانڊرنگ جو وڌيڪ هڪ ڪيس داخل ڪري ڇڏيو هو

جيل مان آزادي بعد ٻيهر پرويز الاهي کي گرفتار ڪيو ويو

لاهور (م د) وفاقي جاچ اداري ايف آءِ اي پاڪستان تحريڪ انصاف جي صدر ۽ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي کي جيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سياست مان نفرت ۽ ورهاست کي ختم ڪرڻو پوندو: بلاول ڀٽو زرداري

ڪراچي ۾ جيڪي نوجوانن کي گمراهه ڪري تشدد تي اڪسائڻ چاهين ٿا

غربت ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

ڪراچي (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان جي سياست شخصيتن خلاف نه هجڻ گهرجي، سياست مان نفرت ۽ ورهاست کي ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري يونيورسٽي ۾ ڪانووڪيشن تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستاني يونيورسٽين ۾ هولي ملهائڻ تي پابندي لاڳو

ايڇ اي سي هولي تقريبن تي پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اهڙي قسم جون سرگرميون ملڪ جي سماجي ۽ ثقافتي قدرن کان مڪمل طور لاتعلقي ظاهر ڪن ٿيون : ايڇ اي سي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) هائير ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) سڀني تعليمي ادارن ۾ هولي تقريبن تي پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

چيئرمين بڻجڻ بعد سڌارا آڻيندس: ذڪاءَ اشرف

هائبرڊ ماڊل تحت پاڪستان سان ناانصافي ٿي

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۾ ڪوڙ سارا مسئلا موجود آهن

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين لاءِ مضبوط اميدوار ذڪاءَ اشرف

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين لاءِ مضبوط اميدوار ذڪاءَ اشرف ايشيا ڪپ لاءِ هائبرڊ ماڊل کي پاڪستان سان ناانصافي قرار ڏيندي چيو ان ماڊل تحت پاڪستان جون اهم ميچون مُلڪ ۾ نه ٿينديون پنهنجي هڪ بيان ۾ پي سي بي چيئرمين جي اميدوار ذڪاءَ اشرف چيو ته پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۾ ڪوڙ سارا مسئلا موجود آهن پر ڪنهن جي خلاف ڳالهائڻ نٿو چاهيان.هن چيو ته ايشيا ڪپ ۽ ورلڊ ڪپ مٿان آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

برطانوي علائقي بريڊ فورڊ مان ٻه پاڪستاني ڀينرون گم

گم ٿيل 13 ورهين جي عامرا محمود ۽ 15 ورهين جي حارثہ محمود جي ڳولا جاري

ٻنهي ڀينرن بابت ڪنهن کي به ڪا ڄاڻ هجي ته فوري طور آگاهي ڏني وڃي: پوليس

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) برطانيا ۾ فريڊ فورڊ جي علائقي مان پاڪستان ڄاين ٻه برطانوي ڀينرون گم ٿي ويون. ويسٽ يارڪشائر پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي جي بجلي واهپيدارن کان هڪ سال تائين سرچارج وصولي جي منظوري

ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ واهپيدارن تي سرچارج لڳائڻ جي منظوري ڏني وئي

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي ڪراچي جي بجلي واهپيدارن تي هڪ رپيو 52 پئسا في يونٽ سرچارج لڳائڻ جي منظوري ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بدين لڳ باٿر جي ڊاڊ مٽرسي، واهه جي ڪيرواروِ لنگهه بند ڪري ڇڏيو

رستو بند هجڻ ڳوٺ الهچايو جوڻيجو جا رهواسي پريشان

معصوم ٻار روز زندگي ۽ موت جي ٿوري فاصلي تان گذرن ٿا: ڳوٺاڻا

بدين (رپورٽر) اڪرم واهه وهڻائي شريف ۽ ٻچڙيءَ(تيل) پرسان باٿر اڪرم واهه جو هڪ ڪپر ٻنگر ڏيئي سرڪاري ڪپر به بند ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سڄي ملڪ ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره ملهائي وئي

ملڪ جي چئني صوبن توڙي آزاد ڪشمير ۾ سالگره جون تقريبون منعقد ٿيون

تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽِ شهيد بينظير ڀٽو کي ڀيٽا پيش ڪئي ويندي

بينظير ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽو جي صرف ڌيءَ نه پر بهترين سياسي شاگرد به هئي : تجزيه نگار

لاهور (م د) پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي 70هين سالگره اڄ سڄي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه مري ۽ ٻيا شهيد بينظير ڀٽو جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي رهيا آهن

حڪومتي پاليسين کان ناراض پ
پ حڪومت کان ڌار ٿيڻ جون
تياريون ڪري ورتيون

اسلام آباد (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي عيد کان پوءِ حڪومت کي وڏو سرپرائيز ڏيڻ جون تياريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پيپلز پارٽي لطيف کوسا جي پارٽي رڪنيت ختم ڪري ڇڏي

لطيف کوسا کي چيو ويو ته ريڊ لائين نه ڪر، پر هن پارٽي جي ريڊ لائين ڪراس ڪئي : راڻا فاروق سعيد

لطيف کوسا پ پ ۾ وڪيل بڻجي آيو ۽ فائدو وٺندو رهيو، هن پنهنجي پٽ کي اٽارني جنرل بڻائڻ چاهيو

اهو عهدو نه ڏيڻ تي بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪيو. لطيف کوسا بنيادي رڪنيت ختم ڪري رهيو آهيان

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پيپلز پارٽي سينٽرل پنجاب جي وقتي صدر راڻا فاروق سعيد لطيف کوسا جي پارٽي رڪنيت ختم ڪري ڇڏي، ماڊل ٽائون لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پيپلز پارٽي سينٽرل پنجاب جي وقتي صدر راڻا فاروق سعيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آئي ايم ايف پروگرام، اسحاق ڊار جي آمريڪي سفير سان ملاقات

ملاقات ۾ عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي قرض پروگرام تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ناڻي واري وزير اسحاق ڊار آمريڪي سفير سان گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي : ناڻي وزارت ذريعا

اسحاق ڊار آمريڪي سفير کي آءِ ايم ايف کان قرض جي وصولي پروگرام ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چيو

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ آمريڪي سفير ڊونلڊ بلوم ملاقات ڪئي. جنهن ۾ عالمي مالياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪساني سائنسدان سڀ
کان ڊگهو چانور تيار ڪرڻ
۾ ڪامياب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) پاڪستاني سائنسدانن چانورن جي سڀ کان ڊگهي قسم (9.5 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري

اليڪشن ڪميشن ۾ فواد چوڌري خلاف توهين ڪيس جي ٻڌڻي تي

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اسان کي رڳو گڏريل ٻڌڻي جو حڪم مليو آهي، اڄ حاضري کان ڇوٽ ڏني وڃي : وڪيل آصف مرزا

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) توهين اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا.اليڪشن ڪميشن ۾ فواد چوڌري خلاف توهين ڪيس جي ٻڌڻي تي چيف اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪرمپور ۽ ڪشمور ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ وارثن جا ڌرڻا

بگن خان لاڙي وٽ جعفري برادري پاران ڌرڻو هنيو ويو، ٽريفڪ معطل ٿي وئي، گاڏين جون قطارون لڳي ويون

هفتو اڳ عبدالرحمان جعفري کي هٿياربندن اغوا ڪري ويا، پوليس ڪا ڪارروائي نٿي ڪري : مغوي جا وارث

ڌرڻي سبب ڪچي رستي سان ويندڙ مسافروين مان هٿياربندن پاران ڦرلٽ پڻ ڪئي وئي

ڪرمپور/ ڪشمور (نمائندن وٽان) ڪرمپور پرسان اغوا ٿيل عبدالرحمان جعفري جي وارثن طرفان انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو بگن خان لاڙي وٽ جعفري برادري پاران ڌرڻو هنيو ويو ٽريفڪ معطل ٿي وئي، گاڏين جون قطارون لڳي ويونمغوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪرمپور ۽ ڪشمور ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ وارث ڌرڻو هڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

نبيل گبول پنهنجي ۽ بلاول ڀٽو
جي وائرل وڊيو تي وضاحتي
بيان جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ نبيل گبول پنهنجي ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو جي وائرل وڊيو تي وضاحتي بيان جاري ڪري ڇڏيو آهي. نبيل گبول پنهنجي وڊيو پيغام ۾ چيو آهي ته مان هڪ دفعو ٻيهر سوشل ميڊيا جي زينت بڻجي چڪو آهيان. مون کي خبر پئي آهي ته سڄي دنيا ۾ منهنجا ڪيترا چاهيندڙ آهن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڪري چوڏڳي ويجهو پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ 2 عورتون قتل

ڳوٺ درگاهي مگسي ۾ ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ 2 عورتون مارجي ويون

محبوب ۽ نيڪ محمد مگسي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو. هڪٻئي تي چتي فائرنگ ڪئي وئي

فائرنگ جي نتيجي ۾ مختيار خاتون ٿلڌي تي مارجي وئي، مسمات ناظمه ۽ الطاف مگسي زخمي ٿي پيا

اڪري چوڏڳي (رپورٽر) اڪري چوڏڳي ويجهو پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ 2عورتون قتل ٿي ويون. ڳوٺ درگاهي مگسي ۾ ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان فائرنگ ۾ 2 عورتون مارجي ويون آهنمحبوب ۽ نيڪ محمد مگسي ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو. هڪٻئي تي چتي فائرنگ ڪئي وئيفائرنگ جي نتيجي ۾ مختيار خاتون ٿلڌي تي مارجي وئي. مسمات ناظمه ۽ الطاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ زرعي پاڻي جي شديد کوٽ: هاري ۽ آبادگار سراپا احتجاج، ڌرڻا

ضلعي جي مختلف تعلقن مان هارين ۽ آبادگارن قافلن جي صورت ۾ قمبر اچي باءِ پاس وٽ ڌرڻو هنيو جنهن سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو

ٻنهي طرفن گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ڌرڻي ۾ شريڪ ماڻهو پاڻي ناهي ڇو پلا ڪربلا ڪربلا جا نعرا هڻي رهيا هئا

قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ ڪڏهن ٻوڏ ته ڪڏهن سوڪ آهي آخر اهو ظلم ڪڏهن بند ڪيو ويندو: اڳواڻ

قمبر (رپورٽر) قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ زرعي پاڻي جي کوٽ خلاف هاري ۽ آبادگار رستن تي اچي ويا. باءِ پاس ۽ ٻين هنڌن وٽ ڌرڻا هنيا ويا. گاڏين جون قطارون لڳي ويونضلعي جي مختلف تعلقن مان هارين ۽ آبادگارن قافلن جي صورت ۾ قمبر اچي باءِ پاس وٽ ڌرڻو هنيو جنهن سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ ٻنهي طرفن گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ڌرڻي ۾ شريڪ ماڻهو پاڻي ناهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

قمبر :ضلعي ۾ زرعي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف آبادگار ۽ هاري ڌرڻو هڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

هن سال پڻ سنڌ جي زراعت
کي تباهه ڪرڻ جي سازش ٿي
پئي : سنڌي هاري تحريڪ

حيدر آباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، مرڪزي جنرل سيڪريٽري اسماعيل خاصخيلي، مرڪزي اڳواڻ بلاول لاشاري ۽ انور رند پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته هيل سال پڻ سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. هڪ طرف سنڌ کي پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

دڙو پنجاري ڪئنال ۾ بي پاڙي ول سائي چادر اوڍي تباهي مچائي ڇڏي، اختياريون خاموش

سائي ول سبب آسپاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ سوين ماڻهن ۽ سندن چوپائي مال جون زندگيون خطري هيٺ

سارسنڀال لاءِ سرڪار طرفان ڪروڙين روپين جا فنڊ جاري ٿيڻ باوجود آبپاشي عملدارن نوٽيس نہ ورتو آهي

گذرندڙ ڪئنال ۾ بي پاڙي ول سبب هيستائين 20 کان وڌيڪ مينهون وچڙي ٻڏي مري ويون آهن: رهواسي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پنجاري ڪئنال ۾ بي پاڙي ول سائي چادر اوڍي تباهي مچائي ڇڏي، دڙو پنجاري ڪئنال جي بڪ موري پل هيٺان سائي ول سبب آسپاس جي ڳوٺن ۾ رهندڙ سوين ماڻهن ۽ سندن چوپائي مال جون زندگيون خطري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دڙو: پنجاري ڪئنال ۾ سائي ول بيٺل آهي

پ پ يوٿ تعلقہ نوشهروفيروز
شهيد بينظير ڀٽو جي 70 هين
سالگره جي تقريب

نوشهروفيروز (رپورٽر) پيپلزيوٿ تعلقہ نوشهروفيروز شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره جو ڪيڪ پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ ڪاٽيو ويو ڪيڪ ڪٽڻ واري تقريب ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي نوشهروفيروز جي صدر فيروز احمد جمالي ضلع ڪائونسل چيئرمين سهيل اختر عباسي خان اعوان غضنفر راڄپر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

غوثيہ جماعت سهروردي رح نئون ديرو جي مريد فقير ساجد علي جي گهرواري لاڏاڻو ڪري وئي

اڳوڻو ضلعي ڪائونسلر احسان علي جروار جي ڀيڻ، عبدالحميد جروار جي ڀائٽي دم ڏٺي حوالي ڪيو

سياسي سماجي، ادبي مذهبي غوثيہ جماعت جي مريدن، ڳوٺاڻن ۽ سڄاڻ وندن جنازي ۾ شرڪت ڪئي

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) غوثيہ جماعت سهروردي رح نئون ديرو جي مريد فقير ساجد علي جروار جي گهرواري، محسن علي فهد علي، سهيل علي جروار جي امڙ رٽائرڊ استاد عبدالعزيز جروار جي وڏي نياڻي، اڳوڻو ضلعي ڪائونسلر احسان علي جروار جي ڀيڻ، عبدالحميد جروار جي ڀائٽي ڪجھ عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ 40 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني جهان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين ۾ رقم جي فراهمي رولڙي جو شڪار

بينڪن ۽ ڊوائيس هولڊرن جي دڪانن تي هجوم رقمون نہ ملڻ تي مستحقن جا احتجاجي مظاهرا

دڪانن تي صبح کان رات تائين رقم جي آسري ۾ انتظار ڪرڻ جي باوجود رقمن کان محروم آهن

نسرين نورخاتون رحيمان الهبچائي ۽ ٻين صحافين آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نوٽيس جي گهر ڪئي

بدين (مرتضي ميمڻ) بدين ۾ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقين ۾ رقم جي فراهمي رولڙي جو شڪار هزارين عورتن جا بينڪن ۽ ڊوائس هولڊرن جي دڪانن تي هجوم رقمون نہ ملڻ تي مستحقن جا احتجاجي مظاهرا تفصيل موجب بدين شهر ۾ تعلقي جي سوين ڳوٺن مان روزانو هزارين عورتون بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم ڪڍائڻ لاءِ بينڪن ۽ ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين: بي آءِ ايس پي مستحق عورت ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سکر ۾ پيپلز پارٽي جي شهيد
چيئرپرسن بينظير ڀٽو جي 70
هين سالگره ملهائي وئي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي شهيد چيئرپرسن اڳوڻي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگراھ جي حوالي سان سکر جي نثار صديقي ٽائون جي چيئرمين طارق حسين چوهاڻ جي رهائشگاھ تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي سالگراھ جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، تقريب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شهري مسئلن جو حل اولين ترجيح آهي، تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏينداسين: ارسلان اسلام

ترقي يافتہ شهرن ۾ صنعتن جو قيام شهر جي بهتري لاءِ ضروري آهي، اسان عوام جا خادم آهيون

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت شهر کي مثالي شهر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، شهري اسان جو ساٿ ڏين

واپاري برادري کي بہ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو تہ جيئن شهر جي ترقياتي منصوبن کي مڪمل ڪري سگهجي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر ارسلان اسلام شيخ چيو آهي تہ شهري مسئلن جو حل اسان جي اولين ترجيح آهي، شهر جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏينداسين، ترقي يافتہ شهرن ۾ صنعتن جو قيام شهر جي بهتري لاءِ ضروري آهي، ان سان نہ رڳو صنعتي علائقي ۾ ترقي ٿيندي ۾ بيروزگاري جو بہ خاتمو ايندو اهڙن خيالن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽي ۾ ڪاشف اقبال ٿلسيميا ڪيئر سينٽر پاران 350 متاثرن ۾ راشن ورهايو ويو

ساحلي علائقي ڪاروڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر جي مختلف ڳوٺن ۾ متاثرن ۾ راشن ورهايو ويو

طوفان جو خطرو ختم ٿيڻ کان پوءِ هنن متاثرين کي واپس پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو

اقبال ٿلسيميا ملٽي سينٽر جي اڳواڻ خالد آرائين، پنهون عقيلي ايڊووڪيٽ ۽ شمائلہ خالد پاران دورو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڪاشف اقبال ٿلسيميا ڪيئر سينٽر پاران شڪاگو فرينڊس جي سهڪار سان ٺٽي جي ساحلي علائقي ڪاروڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر جي مختلف ڳوٺن ۾ ساموندي طوفان جي 350 متاثرن ۾ راشن ورهايو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺٽو: سماجي تنظيم پاران ساحلي علائقن ۾ راشن ورهايو پيو وڃي

بينظير ڀٽو جي 70 هين
سالگره جي موقعي تي ٽائون
ڪميٽي ڪندڙا ۾ تقريب

سکر (بيورو رپورٽ) شهيد بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره جي موقعي تي ٽائون ڪميٽي ڪندڙا ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو، ٽائون ڪميٽي ڪندڙا جي چيئرمين ارشاد علي لاشاري پنهنجي آفيس ۾ ميمبرن سان گڏ شهيد بينظير ڀٽو جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، ان موقعي تي چيئرمين ارشاد علي لاشاري ڳالهائيندي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پ پ پ ضلعي ٺٽي طرفان بينظير ڀٽو جي 70 وين سالگره جي تقريب، ڪارڪن شريڪ

ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ جي رهائش گاھ تي سندس نگراني ۾ منعقد ڪئي ويئي

ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ، ٽائون ڪميٽي گهارو جي چيئرمين شرڪت ڪئي

عبدالحفيظ ٻڪڪ، رمضان پنهور، عبدالخالق سومرو، غلام حيدر سمون سميت پ پ اڳواڻن ڀيٽا ڏني

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي طرفان ايشيا جي عظيم ليڊر سنڌ ڄائي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 وين سالگر تقريب پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ جي رهائش گاھ تي سندس نگراني ۾ منعقد ڪئي ويئي، جنهن ۾ پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ، جنرل سيڪريٽري امتياز قريشي، اڳوڻي ايم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهوٽڪي ۾ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره تقريب ضلعي اطلاعات آفيس ۾ منعقد

شهيد جمهوريت محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو

اطلاعات سيڪريٽري عبدالمجيد لاکو، عبدالغني لاکو، استاد سعيد احمد صديقي شريڪ

عبدالغني لاکو، استاد سعيد احمد صديقي، سيد سلمان شاھ، قادر بخش عباسي ۽ ٻيا شريڪ

گهوٽڪي (الاچند موتواڻي) گهوٽڪي ۾ اڳوڻي وزيراعظم شهيد جمهوريت محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره تقريب گهوٽڪي جي ضلعي اطلاعات آفيس ۾ منعقد ڪئي، سالگره جو ڪيڪ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي صدر، وائيس چيئرمين مير بابر علي خان لنڊ، ضلعي ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري عبدالمجيد لاکو، عبدالغني لاکو استاد سعيد احمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهوٽڪي: پ پ اڳواڻ ۽ ڪارڪن شهيد بينظير ڀٽو جي سالگره ملهائي رهيا آهن

شڪارپور ۾ صوبائي وزير
امتياز احمد شيخ پاران بينظير
ڀٽو جي سالگره تقريب

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سنڌ جي توانائي واري صوبائي وزير امتياز احمد شيخ ۽ پ پ اڳواڻ فراز امتياز شيخ جي هدايتن تي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي سالگره جي موقعي تي شڪارپور هائوس تي عقيدت ۽ احترام سان سالگره ملهائي وئي ۽ وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي وسيم الدين صديقي . بي بي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جائز مطالبات کي نظرانداز ڪري استادن جي تذليل ڪئي پئي وڃي: شفيع محمد سٽيو

جي بنا شرط اپگريڊيشن ، 17 اسڪيل ، گروپ انشورنس ، سميت رهيل مسئلن جو حل چاهيون ٿا

ڪيترن ئي اسڪولن ۾ اڃا تائين فرنيچر نہ پهچي سگهيو، هزارين اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم آهن

احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ مطالبن جي منظور لاءِ وزيراعليٰ هائوس سامهون تاريخي ڌرڻو هڻنداسين: ڳالهيون

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) پ ٽ الف سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ حاجي شفيع محمد سٽيو چيو آهي تہ سنڌ جي تعليم تباھ ٿي چڪي آهي ۽ استادن جا جيڪي جائز مطالبات آهن هنن کي مسلسل نظر انداز ڪري استادن جي تذليل ڪئي پئي وڃي اهڙي خيالن جو اظهار هن پريس ڪلب ٽنڊومحمدخان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن چيو تہ استادن جي بنا شرط اپگريڊيشن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٻلڙي شاھ ڪريم لڳ جوابدار صالح ماڇي ڇرين جا وار ڪري پيٽوڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

جانو ماڇي جوابدار بشير ماڇي سندس پيٽوڻي محب ماڇي کي ڇرين جا وار ڪري قتل ڇڏيو

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٽنڊو محمد خان اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان پرسان ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد يونين ڪائونسل ڪرڪر جي ڳوٺ جانو ماڇي ۾ جوابدار بشير ماڇي پاران سندس پيٽوڻي 35 ورهين جي محب علي پٽ وڪيو ماڇي کي ڇرين جا وار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ اڇي ڪاري جي مالڪ ٻٽيل پوليس اهلڪارن پاران عورتن تي تشدد

گرمي ۾ قطارن ۾ پنهنجي واري جو انتظار ڪندڙ ماڻهن سان منهن ماري بعد تشدد

نادرا آفيس ۾ سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ آيل عورتن جي تذليل ڪري رهيا هئا: ذريعا

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ضلع ۾ اڇي ڪاري جي مالڪ ٻٽيل پوليس ڪيترائي ڪلاڪ نادرا آفيس ٻاهران ڪهڙجي گرمي ۾ قطارن ۾ پنهنجي واري جو انتظار ڪندڙ ماڻهن سان منهن ماري بعد مردن ۽ عورتن تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: نادرا سينٽر ٻاهران پوليس اهلڪار پاران عورتن تي تشدد جو ڏيک

ڪراچي نادرن بائي پاس تي لڳندڙ مال پيڙي ۾ جانورن جي خريداري ۾ تيزي

پوري ملڪ مان 5 لک 75 هزار قرباني جي لاءِ جانور پهتل آهن، انتظام سخت ڪيا ويا

ساهيوال، برهمن، چوستاني ۽ سنڌي نسل سان گڏ آسٽريلن اسپينس جا جانور پهتل آهن

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پنهوار) ڪراچي نادرن بائي پاس تي لڳندڙ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مال پيڙي ۾ جانورن جي خريداري ۾ تيزي اچي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج نوشهرو فيروز پاران ٽارچر سيل هلائيندڙن تي ڪيس داخل

انسپيڪٽر، ايس ايڇ او نوشهرو فيروز راجا نويد، اي ايس آءِ نواب ڪلهوڙو ۽ ٻيا نامزد ڪيا ويا

جج طاهر حسين ابڙو جي حڪم تي ريٽ ڪمشنر امان الله ملڪ جي مدعيت ۾ ايف آءِ آر داخل ٿي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج نوشهرو فيروز جي حڪم تي پوليس جو ٽارچر سيل هلائيندڙ انسپيڪٽر، ايس ايڇ او نوشهرو فيروز راجا نويد، اي ايس آءِ نواب ڪلهوڙو، اهلڪار غلام حسين راڄپر، سرفراز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نئون ديرو شهر جي گهرگهل شاھ پاڙي جي رهواسي سيد برادري پاران احتجاج

پيرسن علي شاھ پنهنجي ٻارڙن جنيد شاھ، محسن ۽ دلڪش بيبي احتجاج ڪيو

بااثر قبضو ڪرڻ لاءِ هر ڏينهن گهر ۾ گهڙي ٻارڙن ۽ گهر ۾ عورتن تي تشدد ڪن ٿا

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو شهر جي گهرگهل شاھ پاڙي جي رهواسي سيد برادري جي ماڻهن جو احتجاج، پيرسن علي شاھ پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نئون ديرو: گهرگهل شاھ ڪالوني واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

محرابپور جي قديمي قبرستان پيرانڙ جا قيمتي وڻ راتورات ۾ ڪر، اختياريون خاموش

بنده علي خاصخيلي خدمت ڪرڻ بجاءِ قبرستان ۽ درگاھ پيرانڙ جي پينگ ڪري ڇڏي

دعا جي خيال سان ايندڙن جي آساس لاءِ لڳل قيمتي وڻ پڻ وڍرائي ڪپائي لکين روپيا هڙپ ڪري ورتا

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامتيو) محرابپور جي قديمي قبرستان پيرانڙ جا قيمتي وڻ راتو رات ۾ گر ۽ قبضو محراب پور: محرابپور جي قديم ۽ مشهور قبرستان پيرانڙ جي متولي بنده علي خاصخيلي قبرستان جي خدمت ڪرڻ بجاءِ، قبرستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

روهڙي پرسان جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ جسڪاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

ٽيل جهيڙي جي نتيجي ۾ ثمينہ جسڪاڻي زال لياقت جسڪاڻي زخمي ٿي پئي

اسان جي نياڻي افشان تي مڙس تشدد ڪندو هو جنهن سبب طلاق ڏياري هئي: عورتون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي پرسان جهانگڙو ٿاڻي جي حد ۾ جسڪاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٽيل جهيڙي جي نتيجي ۾ ثمينہ جسڪاڻي زال لياقت جسڪاڻي زخمي ٿي پئي، جنهن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال روهڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: جسڪاڻي برادري جون عورتون انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيون آهن

نوشهروفيروز ۾ عبداللطيف عباسي بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول جو پرنسپال مقرر

پرنسپال ٿيڻ ۽ چارج سنڀالڻ تي سماجي ۽ ادبي اڳواڻن پاران خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو

سردار سڪندر علي سولنگي، رفيق احمد عباسي، خالد معراج لاکير، قدير احمد اڄڻ مبارڪون ڏنيون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) بهترين شخصيت جي مالڪ ۽ علم و ادب لاءِ جاکوڙيندڙ استاد عبداللطيف عباسي کي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول پريا جي پرنسپال ٿيڻ ۽ چارج سنڀالڻ تي سماجي ۽ ادبي اڳواڻن پاران خوشيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جنهن ڪارڪنن کي اوليت ڏني آهي: اعجاز احمد لغاري

هڪڙو ننڍڙو ڪارڪن توهانجي سامهون آهيان جنهن کي پارٽي ٽڪيٽ ڏئي اڄ ان منصب تي پهچايو

قائدين جوءِ پنهنجي ڪارڪنن جو جنهن هيڊومان ڏنو آهي پ پ جي مقابلي ۾ ڪا بہ پارٽي ناهي

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺو) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري، چيئرمين ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري جن جي مان ۾ پارٽي معزز غلام رضا مگنيجو حيدر علي مگنيجو انجنيئر نثار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانپورمهر يوسي پيٽور، تعلقہ خانڳڙھ ڳوٺ چڪ سيال ۾ وڻڪاري مهم جو آغاز

نورنگ مهر، ۾ هيندس ٽيم طرفان موسمياتي تبديلي کي مدنظر رکندي مهم شروع

انچارج اصغر علي مهر، سينئر انجنيئر زبير احمد عباسي، ايس او رياض علي مهر شريڪ ٿيا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر يوسي پيٽرو، تعلقہ خانڳڙھ ڳوٺ چڪ سيال ۽ ڳوٺ نورنگ مهر، ۾ اڄ هيندس ٽيم طرفان موسمياتي تبديلي کي مدنظر رکندي وڻڪاري مهم جو آغاز ڪيو ويو، تعلقہ خانڳڙھ هيندس انچارج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

خانپورمهر: سماجي تنظيم پاران ٻوٽا پوکيا پيا وڃن

ايس ايس پي ٿرپارڪر ڦرجي 2 وارداتن جو نوٽيس ورتو، شهرين ۽ سول سوسائٽي سان ملاقات

سنتورو بازار ۾ گذريل 15 ڏينهن ۾ ٻه وارداتن جو نوٽيس وٺندي متاثر ڪرماٽي ٽريڊرس ۾ ملاقات

واپاري پنهنجي مدد پاڻ شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي سي سي ٽي وي ڪئمرائون لڳائين: ايس ايس پي

سنتورو بازار ۾ پوليس پڪٽ لڳائي ويندي سنتورو ٿرپارڪر جي انٽري پوائنٽ آهي ۽ پيٽرولنگ وڌائي ويندي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ جي سنتورو بازار مان ڏينهن ڏٺي جو ڪرماٽي سيمينٽ ڊيپو تان عورتن پاران 42000 رپيا چوري ڪرڻ سميت ٻين ڏوهي وارداتن جو ايس ايس پي ٿرپارڪر زاهدہ پروين نوٽس وٺندي شهرين جي شڪايتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نئون ڪوٽ: ايس ايس پي ٿرپارڪر زاهده پروين آجياڻي واري تقريب ۾ شريڪ آهي

دادو ۾ شهيد راڻي مُحترم
بينظير ڀٽو جي 70هين
سالگره جي تقريب

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) شهيد راڻي مُحترمہ بينظير ڀٽو جي 70هين سالگره جي تقريب جمالي هائوس دادو ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلع دادو جي صدر مُسرت مهيسر طرفان پ پ ليڊيز ونگ ضلع جنرل سيڪريٽري ميڊم عذره ميمڻ جي رهنمائي ۾ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو جنهن ۾ حُسينہ لغاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

غوثپور ۾ موسيقي جي عالمي ڏينهن تي آل سنڌ سنگيت ڪار ايسوسيئيشن پاران تقريب

تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي جي مختلف فنڪارن تقريب ۾ فن جو مظاهرو ڪيو

اتر سنڌ جي نالي واري فنڪار راشد علي شاھ جيلاني جي رهائش گاھ تي تقريب منعقد ڪئي وئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپورشهر ۾ موسيقي جي عالمي ڏينهن تي آل سنڌ سنگيت ڪار ايسوسيئيشن پاران غوثپور ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي جي مختلف فنڪارن تقريب ۾ فن جو مظاهرو ڪيو موسيقي جي عالمي ڏهاڙي تي اتر سنڌ جي نالي واري فنڪار سيد راشد علي شاھ جيلاني جي رهائش گاھ تي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو ۾ هڪ پوليس اهڪار ڏانهن رهيل رقم گهرڻ دڪاندار کي مهانگي پئجي وئي

بي سيڪشن ٿاڻي جو پوليس اهلڪار نادر علي پنهور دوڪاندار تي ڪاوڙجي پيو

نادر علي پنهور اظهر حسين پنهور کي ڪنيي 2 ڪلاڪن تائين ناحق بند ڪري تشدد ڪيو

رقم پوليس اهڪار کان گهري وئي تہ سپاهي ناراض ٿي نوجوان کي ناحق حراست ۾ ورتو: وارث

دادو (سنڌيار) دادو ۾ هڪ دڪاندار جي هڪ پوليس اهڪار ڏانهن رهيل رقم گهرڻ دڪاندار کي مهانگي پئجي وئي دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جو پوليس اهلڪار نادر علي پنهور دوڪاندار تي ڪاوڙجي پيو اهڪار رد عمل ۾ بلڊنگ ميٽيريل جو ڪاروبار ڪندڙ نظرحسين پنهور جي نوجوان پٽ اظهر حسين پنهور کي دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ مونڊر ٽاڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: بي سيڪشن پوليس جي اهلڪار خلاف دڪاندار احتجاج ڪري رهيا آهن

وفاقي محتسب سکر پاران سيپڪو
جي سي اي او جي ميڊيڪل ري
امبرسمينٽ جو مسئلو حل

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) وفاقي محتسب سکر پاران سيپڪو سکر جي سي اي او سکر (رٽائرڊ) جي ميڊيڪل ري امبرسمينٽ جي مد جو منجهيل مسئلو حل ڪرايو ويو وفاقي محتسب اعلي سکر سيد محمود علي شاھ پاران سکر سيپڪو سکر جي سي اي او افتخارالدين احمد جيڪو رٽائرڊ ٿي چڪو آهي ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ضلعي جي سمورن يوسيز کي درپيش مسئلا 6 مهينن اندر حل ڪيا ويندا: ڪميل حيدر شاھ

ضلعي ڪائونسل جي بحالي کانپوءِ تمام گهڻي بهتري ايندي مان واعدو ڪيان ٿو تہ مسئلا حل ڪبا

بنيادي صحت يونٽن ۽ اسپتالن کي بهتر بڻايو ويندو، سيف سٽي پروجيڪٽ جلد شروع ڪيو ويندو

ضلعي ڪائونسل کي فنڊ ڏئي سنڌ حڪومت کي اسپيشل پيڪيج جي درخواست ڪئي آهي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ضلعي ڪائونسل چيئرمين سکر سيد ڪميل حيدر شاھ چيو آهي تہ ضلعي ڪائونسل جي بحالي کانپوءِ تمام گهڻي بهتري ايندي مان واعدو ڪيان ٿو تہ ضلعي ڪائونسل سميت ضلعي جي سمورن يو سيز کي درپيش مسئلا 6 مهينن اندر حل ڪيا ويندا. ڪائونسلرن سان صلاح مشوري سان ڪين رليف فراهم ڪيو ويندو ۽ گذريل برساتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين ۾ صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر پاران کلي ڪچهري منعقد

محتسب اعليٰ سنڌ منظور سومرو پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي

ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ صوبائي محتسب اعلي جي پهرين ترجيح آهن: منظور سومرو جون ڳالهيون

ماڻهو پنهنجا مسئلا بنا ڪنهن خوف جي بيان ڪن انهن جو هر جائز مسئلو ترجيحي بنيادن ضرور حل ٿيندو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ منظور سومرو پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس بدين ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي کلي ڪچهري ۾ حاضر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين: صوبائي محتسب اعليٰ ڪليل ڪچهري ۾ شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

گوڙاڻي ايريا ۾ ڳوٺ الهڏنو حجام
جي رهواسين کي پڪا اجها ناهي
ڏيڻ وارو واعدو مڪمل

اسلام ڪوٽ (صادق بجير) گوڙاڻي ايريا ۾ ڳوٺ الهڏنو حجام جي رهواسين کي پڪا ۽ تران اجها ناهي ڏيڻ واري واعدو پورو ٿي ويو، سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني جي سي اي او گهرن جو تعميراتي ڪم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ نئين آبادڪاري واري مثالي ڳوٺ "ڳوٺ نيو الهڏنو حجام" جو باضابطہ افتتاح ڪري ڇڏيو، سي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز پرسان پرسان ريل جي پٽڙي تان نوجوان تشدد ٿيل لاش هٿ، سڃاڻپ نہ ٿي سگهي

ريلوي پوليس ۽ پرياروڊ پوليس ۾ حد جي تڪرار سبب پنج ڪلاڪ تائين لاش لاوارث حالت ۾ پيل رهيو

پرياسٽي اسپتال منتقل ڪيو جنهن بعد لاش جي سڃاڻپ نہ ٿيڻ تي ڪنڊيارو جي ايڌي سينٽر پهچايو ويو

ڪيسي مان صرف 10 رپيا مليا آهن ڪارڊ يا ڪا بہ ٻي شي ناهي ملي جنهن سان سڃاڻپ ڪري سگهجي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز پرسان پرسان ريل جي پٽڙي تان نوجوان تشدد ٿيل لاش هٿ پرياروڊ ريلوي پوليس ۽ پرياروڊ پوليس ۾ حد جي تڪرار سبب پنج ڪلاڪ تائين لاش لاوارث حالت ۾ پيل رهيو 25 سال نوجوان جو تشدد ٿيل لاش پيرو بروهي جي ڦاٽڪ پرسان ريل جي سليپرن ۾ پيل هيو تہ ڳوٺاڻن پوليس کي اطلاع ڏنو تفصيل موجب پرياروڊ ويجهو غلام آباد پيرو بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان ۾ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

پورهيت ونگ جي ضلعي صدر عبدالحڪيم دستي علي اڪبر خاصخيلي شريڪ

ڊاڪٽر راجيش ڪمار ڪامران ابڙو ڊاڪٽر عالم نديم سومرو شاهنواز لاشاري شريڪ ٿيا

اڄ بہ بينظير ڀٽو پيپلز پارٽي جي ورڪرن پورهتن مزدورن جي دل ۾ زنده آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين شالگره جو ڪيڪ پيپلز ليبربيورو طرفان پيپلز ليبر بيورو جي آفيس ۾ ڪاٽيو ويو انهي موقعي تي پورهيت ونگ جي ضلعي صدر عبدالحڪيم دستي علي اڪبر خاصخيلي الله بچايو لاشاري ڊاڪٽر راجيش ڪمار ڪامران ابڙو ڊاڪٽر عالم نديم سومرو شاهنواز لاشاري مقبول بزدي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊومحمدخان: پ پ اڳواڻ ۽ ڪارڪن شهيد بينظير ڀٽو جي سالگره ملهائي رهيا آهن

بدين ۾ نئين ۽ پراڻي واٽر
سپلائي تي لڳل فلٽر پلانٽ
سالن کان ناڪاره بڻيل

بدين (رپورٽر) بدين ۾ نئين ۽ پراڻي واٽر سپلائي تي لڳل فلٽر پلانٽ سالن کان ناڪاره بڻيل آهن ۽ ڪافي گڏھ گاڏين تي اٿي وڪرو ڪندڙ شهرين کي گهريلو فلٽر پاڻي سپلائي ڪرڻ جي شيشي سونڪائڻ لڳا جيڪي ٽلاڻن جي بينل غير فلٽر پاڻي جا گيلن ڊائريڪٽ ٽلاڻن مان ڀري وڪرو ڪرڻ لڳا آهن جنهن سبب بدين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سڄاول ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي

تقريب ۾ ارباب وزير ميمڻ، ارباب ڪامران ميمڻ، منظور رحيم پليجو ۽ ٻين پاران شرڪت

مامون قريشي شهمير گبول ميمڻ، زاهد حسين ڪڏو، رئيس اعظم خان ملڪاڻي، واحد پرهياڙ شريڪ

عبدالغني راهيمون، لونگ مهيشوري، فردوس عزيز، ميربحر، آشاسوهو، ساگر عبدالرحمٰن ميمڻ شريڪ ٿيا

سڄاول (ڊ ر) سڄاول ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي. قائد جمهوريت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 70 هين سالگره پ پ پ آفيس سڄاول ۾ جوش ۽ جذبي سان ملهائي وئي. تقريب ۾ ارباب وزير ميمڻ، ارباب ڪامران ميمڻ، منظور رحيم پليجو، تجيب سرويچ، راجہ رميزالحق زئور، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، محسن سنڌي، حاجي مامون قريشي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 22 جون 2023ع

معاشي بحران: پلان بي ظاهر ڪيو وڃي

ملڪ ۾ گهڻ جماعتي اتحادي واري حڪومت لوڏن ۾ اچي وئي آهي. عوام ۽ حڪمرانن وچ ۾ پيدا ٿيل وڇوٽي جي ڪري ميڊيا ۾ حڪومتي ڪارڪردگيءَ تي سوال ته عام ڳالهه آهي پر ان سان گڏ ملڪ معاشي بحران جي ور چڙهندي نظر اچي رهيو آهي. اهڙي موقعي تي ناڻي واري وزير کي پنهنجو پلان بي ڪتب آڻيندي معاشي ميدان ۾ تڪڙو حل ڏيڻ گهرجي. هڪ پاسي حڪمران اتحاد ۾ اختلاف سامهون اچي رهيا آهن ته وري ٻئي پاسي عالمي مالياتي اداري جي رهيل رقم جيڪا هن مهيني جي آخر تائين ملڻي هئي، ان جا امڪان پڻ گهٽجي ويا آهي، جنهن ڪري فوري طور تي ٻاهران ايندڙ عام گهريلو سامان خاص ڪري راشن ۽ کائڻ پيئڻ جي شين جي گهرائڻ جي عمل کي روڪيو ويو آهي. انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ پنهنجي ايگزيڪيوٽو بورڊ جي اجلاس جو شيڊول پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. 29 جون تائين شيڊول ۾ پاڪستان سان اسٽاف سطح جو معاهدو شيڊول ۾ شامل ناهي. جڏهن ته آءِ ايم ايف موجب ان شيڊول ۾ ضرورت موجب تبديلي آڻي سگهجي ٿي. ياد رهي ته پاڪستان لاءِ آءِ ايم ايف پروگرام جي بحاليءَ جو عمل روڪيو ويو آهي ۽ اهو پروگرام هلندڙ مهيني ختم ٿيڻ وارو آهي. پاڪستان پاران آءِ ايم ايف جا مختلف شرط پورا ڪيا ويا آهن پر پرڏيهي فنانسنگ جي شعبي ۾ پاڪستان آءِ ايم ايف کي مطمئن نه ڪري سگهيو آهي، جنهن سبب پاڪستان لاءِ هڪ ارب ڊالرن جي قسط جاري نه ٿي سگهي آهي. بلومبرگ جي رپورٽ موجب آءِ ايم ايف جي 30 جون تي ختم ٿيندڙ پروگرام جي قسط نه ملڻ جو خدشو وڌي ويو آهي. آءِ ايم ايف ايمنسٽي اسڪيم ۽ ٽيڪس بيس نه وڌائڻ تي اعتراض ڪيو آهي. فنڊ پروگرام ڪانسواءِ مهانگائي ۽ وياج جي شرح توقع کان وڌيڪ وڌي ويندي. جڏهن ته نئين مالي سال جي پهرين اڌ ۾ ڊالرجي قلت سخت ۽ ڏکي هوندي، پروگرام رول اوور جي غير موجودگي ڊفالٽ جو خطرو وڌائيندو. رپورٽ موجب پاڪستان کي جولاءِ کان ڊسمبر تائين 4 ارب ڊالرن کان وڌيڪ رقم ادا ڪرڻي آهي. جيڪي فنڊ پروگرام ڪانسواءِ 4 ارب ڊالرن جي پرڏيهي متاسٽا جي ذخيرن مان ادا ڪرڻ مشڪل هوندو سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي مدد جي لاءِ وزيراعظم شهباز شريف 25 ارب رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. هن اهڙي منظوري پيپلز پارٽي جي وفد سان ملاقات بعد ڏني آهي. هن کان اڳ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم کي مخاطب ڪندي بجيٽ ۾ واعدا پورا نه ڪرڻ جي شڪايت ڪندي خبردار ڪيو هو ته ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ پئسا نه مليا ته پيپلزپارٽي بجيٽ منظور ٿيڻ نه ڏيندي. وزيراعظم شهباز شريف ملڪ کي درپيش مالي مشڪلات جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته پاڪستان ڪيستائين قرض وٺندو رهندو؟ اسان کي قرضن مان جان ڇڏائڻي پوندي، اهي ئي قومون ڪامياب ٿينديون آهن. جيڪي قرض وٺي ڪاميابي سان واپس ڪنديون آهن. اميد ته پاڪستان جلد ڏکيائين مان نڪري ويندو. وزيراعظم شهباز شريف اهو پڻ چيو هو ته سمورن شرطن پوري ڪرڻ باوجود عالمي اداري جي قرض ۾ دير ٿي رهي آهي. ان هوندي به هن مشڪل گهڙي ۾ دوست ملڪ سعودي عرب ۽ قطر اڳيان آيا آهن. هوڏانهن قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ بجيٽ تي بحث جاري آهي. جنهن ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو ته هن وقت جيڪي معاشي مسئلا آهن اهڙا 1998 ع ۾ ايٽمي ڌماڪن بعد به نه هئا. جڏهن ته آءِ ايم ايف پنهنجو پروگرام بند ڪيو، پاڪستان تي اقتصادي پابنديون لڳايون ويون ان وقت آءِ ايم ايف پروگرام جي بحالي ۾ 8 مهينا لڳا هئا. اسان جي ڪوشش سان هاڻي ان ۾ استحڪام آيو آهي. بي اين پي مينگل جي ايم اين اي ڊاڪٽر شهباز بلوچ چيو ته بي اين پي مينگل سان 6 نقطن جو معاهدو ٿيو هو. جنهن ۾ جنهن مان 25 سيڪڙو تي به عمل نه ٿيو آهي. ملڪ جي معاشي صورتحال جي هڪ تصوير هي پڻ آهي ته ڊالرجي کوٽ جي ڪري ڪاڌي پيتي جون شيون ٻاهران گهرائڻ تي پابندي لڳي وئي آهي. ڪمرشل امپورٽرز متا ستا جو ناڻو نه ملڻ جا مسئلا ٻڌائي 25 جون کان پوءِ کاڌي پيتي جي سمورين شين جي امپورٽ بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. خانگي ٽي وي چينل موجب ڪراچي هول سيل گروسرز ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري فرحت صديقي پنهنجي ميمبرن جي نالن جو اعلان ڪندي ٻڌايو ته سمورين بينڪن امپورٽرز کي ڊالر ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري ايسوسيئيشن جي هڪ اهم گڏجاڻي ۾ سمورن امپورٽرز ۽ انڊسٽريز شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ بحث کان پوءِ فيصلو ڪيو ويو آهي ته سمورا امپورٽر پنهنجي انڊينٽر کي ٻڌائي ڇڏين ته 25 جون کان پوءِ ڪا شپمنٽ رواني نه ڪئي وڃي. هن وقت جيڪو مال پورٽ تي پهچي چڪو آهي يا رستي ۾ آهي، امپورٽرز ان جي ڪليئرنس جا ذميوار آهن. 25 جون کان پوءِ جيڪڏهن ڪا به شپمنٽ ڪرائي وئي ته ان جي ڪليئرنس جي ذميواري امپورٽرز تي نه هوندي. امپورٽرز جو وڌيڪ چوڻ هو ته هن وقت متا ستا واري ناڻي جي مسئلن جي ڪري هزارين ڪنٽينرز پورٽس تي ڦاٿل آهن. انهن تي ڊنڊ ۽ چارجز پئجي رهيا آهن. اسٽيٽ بئنڪ انهن لاءِ متا ستا وارو ناڻو فراهم نه پيئي ڪري. جيڪڏهن اها صورتحال برقرار رهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ کاڌي پيتي جي شين جو بحران پيدا ٿي ويندو. اسٽيٽ بئنڪ جي پاليسي سان ڪاروبار، معيشت ۽ ملڪ کي وڏو نقصان پهچي رهيو آهي. هن وقت جيڪا به ايمرجنسي واري صورتحال آڏو اچي رهي آهي، اها وري به وفاقي حڪومت کي ئي حل ڪرڻي آهي. ناڻي واري وزير اسحاق ڊار قلمدان سنڀالڻ بعد اهو چيو هو ته جلد ئي ملڪي معيشت کي بهتر ڪري ويندو حقيقت وري هي آهي ته ناڻي وارو وزير پنجن مهينن کان آءِ ايم ايف کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي پر ڪاميابي نظر نه اچي رهي آهن. موجوده پروگرام ختم ٿيڻ ۾ صرف 9 ڏينهن رهن ٿا. تازو ناڻي واري وزير چيو ته هن وٽ پلان بي پڻ آهي، جنهن بحران ۽ مونجهاري ۾ ملڪ ڦاسندي نظر اچي رهيو آهي ان لحاظ سان ته ناڻي واري وزير کي سندس حڪمت عملي موجب اڳيان اچي صورتحال کي سنڀالڻ گهرجي

مرتضيٰ وهاب جي ڪاميابي کانپوءِ هاڻي بلاول جو وارو

رفيق پٽيل

پاڪستان جي سياست ۾ تحريڪ انصاف جي چونڊ صلاحيت جي جبري خاتمي کانپوءِ، هاڻي ميدان پيپلزپارٽي جي هٿ ۾ اچڻ وارو آهي. ايندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي هڪ سئو ٽيهه کان هڪ سئو چاليهه سيٽون حاصل ڪرڻ جي لاءِ زور لڳائيندي ۽ چونڊ مهم کي انهيءَ خيال سان مرڪوز ڪندي. تيستائين پي ٽي آءِ جو چيئرمين نااهل ٿي چڪو هوندو ۽ قيد ۾ هوندو، شايد بقول وزيردفاع خواجه آصف جي، هن جو انجام اهوئي آهي جيڪو هڪ ناڪام بغاوت ڪندڙ جو ٿيندو آهي. يعني موت جي سزا به ڏئي سگهجي ٿي. جنهن جي لاءِ ملڪ جون سموريون وڏيون جماعتون رضامند هونديون، ڇاڪاڻ جو قومي اسيمبلي مان فوجي عدالت ۾ مقدمو هلائڻ جي قرارداد جي منظوري انهن جماعتن ڏني آهي.

مرتضيٰ وهاب جي ڪاميابي تي جماعت اسلامي جو گوڙ ان ڪري بي اثر آهي جو اها انهن ٽيهن ووٽرن کي سامهون نه آڻي سگهي، جن کي غائب ڪرڻ جو الزام پيپلزپارٽي تي هڻي رهي آهي، سياست ۾ ڪاميابي ئي اصل حقيقت آهي، جيڪڏهن جماعت اسلامي هڪ سئو چوهتر ووٽر سامهون آڻي ها ته ان جو جبري ووٽ نه ڏيڻ جو الزام موثر ٿئي ها، اهي ماڻهو هميشه جي لاءِ ته غائب ناهن ٿيا، جڏهن پي ٽي آءِ جا قومي اسيمبلي جا ميمبر سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ گڏ ڪيا ويا هئا، ان وقت جماعت اسلامي نجي محفلن ۾ خوشي جو اظهار ڪري رهي هئي، هاڻي پڻ پي ٽي آءِ تي لاڳو پابندين تي خوش آهي، ڇاڪاڻ جو ايندڙ چونڊن ۾ اهي پي ٽي آءِ جي ڪجهه سيٽن تي پنهنجن اميدوارن جي ڪاميابي جي اميد رکي ٿي، ڪراچي ۾ پڻ پي ٽي آءِ کي عتاب ۾ ڏسي ڪري مڪاني ادارن جي چونڊن ۾ جماعت اسلامي غلبي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان کي ملڪ جي اعليٰ عهدي تائين پهچائڻ جي چاڙهي تصور ڪيو . انهن کي خبر هئي ته طاقتورن جو فيصلو آهي، پي ٽي آءِ شجر ممنوع آهي. ڪراچي هڪ باصلاحيت سرگرم ميئر مرتضيٰ وهاب جي ڪاميابي واضح نظر اچي رهي هئي، آصف زرداري جي سياست ملڪ تي حاوي آهي.

ان سلسلي ۾ منهنجي فيبروري جي لکت موجود آهي، جيڪا اخبارن ۾ شايع ٿي هئي. اهو ضرور آهي ته پي ٽي آءِ جي غائب يا غيرحاضر ووٽر جي ميڊيا ۾ چونڊن جي عمل جي شفافيت تي بحث هلندڙ آهي. جماعت اسلامي احتجاج ڪري رهي آهي، پاڪستان ۾ اقتدار جي راند صاف سٿري نه آهي، هي مفادن ۽ سمجهوتن جو گورک ڌنڌو آهي. نه ئي وري پاڪستان هڪ مثالي جمهوري معاشرو آهي، تنهنڪري توقع پڻ انهيءَ مناسبت سان ڪرڻي پوندي.

پيپلزپارٽي ڪراچي ۾ پنهنجي ميئر آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ ان جا حوصلا اڳئين مرحلي جي لاءِ بلند آهن. هاڻي بلاول ڀٽو جي وزيراعظم ٿيڻ جو رستو سڌو ٿي رهيو آهي. قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي انهن کي مقبوليت ملي سگهي ٿي. نوازشريف پنهنجي پاران واپسي جي تياري ڪري رهيو آهي. ان دوران آصف علي زرداري نوازشريف جي واپسي کان اڳ سياسي ۽ چونڊن ميدان ۾ پنهنجي گرفت مضبوط ڪري چڪو هوندو. آصف علي زرداري ملڪ ۾ سوا ارب ڊالر آڻڻ جي پرڪشش دعويٰ ڪري رهيو آهي. ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار تي اهو سڌي ريت بي اعتمادي جو اظهار آهي.

پيپلزپارٽي جي اڳواڻن پاران بجيٽ تي تنقيد جو سلسلو جاري آهي. هڪ خيال هي به آهي ته اهي قومي اسيمبلي ۾ جلد ئي پنهنجو مخالف ڌر جو اڳواڻ آڻيندا. جيڪڏهن اهي حڪومت کان جدا ٿيا ته بلاول ڀٽو مخالف ڌر جو اڳواڻ هوندو. جنهن جي ذريعي اهي پنهنجي مرضي جو نگران وزيراعظم آڻي سگهن ٿا. مخالف ڌر اڳواڻ جو عهدو بلاول ڀٽو جي وزيراعظم ٿيڻ جي لاءِ ڏاڪڻ بڻجي سگهي ٿو موجوده حالتن ۾ پيپلزپارٽي جي لاءِ بهترين موقعو آهي ڇاڪاڻ ته هن وقت پي ٽي آءِ جا هزارين ڪارڪن جيلن ۾ آهن. بي شمار روپوش آهي. پي ٽي آءِ. چيئرمين جي نالي کڻڻ تي پابندي آهي، جن اميدوارن کي پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ ملندي، انهن کي گرفتاري کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. پي ٽي آءِ جي لاءِ آزاد نموني چونڊ مهم جون سرگرميون مشڪل هونديون. جماعت اسلامي ۽ تحريڪ لبيڪ کي پڻ انهن حالتن مان فائدي حاصل ڪرڻ جو موقعو ملندو. مسلم ليگ جي لاءِ واحد رستو اهو آهي ته اها هڪ ڊگهي مدي واري عبوري حڪومت جي ڪوشش ڪري. ان ذريعي اها پنهنجوان سڌو اقتدار قائم رکي سگهي ٿي. ٻي صورت ۾ تيزي سان جاءِ جوڙيندڙ آصف علي زرداري جو مقابلو آصف علي زرداري جي لاءِ مشڪل هوندو. پيپلزپارٽي کي اندازو ٿي ويو آهي ته جيڪڏهن هڪ ڀيرو مسلم ليگ ن کي موقعو ڏنو ويو ته اها سمورن ادارن تي قبضو ڪري ويندي. جئين ان نوي واري ڏهاڪي ۾ ڪيو هو.

سڀني کان اهم مسئلو ملڪ جي معيشيت جو آهي. جيڪا موجود حڪومت جي قائم ٿيڻ کان وٺي زوال جو شڪار آهي. حڪومتي عهديدارن کي عالمي سطح تي پذيرائي نه ملي سگهي آهي. نه ئي آءِ ايم ايف سان قرض حاصل ڪرڻ جو معاهدو ٿي سگهيو. هاڻي آءِ ايم ايف بجيٽ ۾ تبديلي جي خواهش رکي ٿو. پيپلزپارٽي جي مخالفت جي سبب بجيٽ منظور نه ٿي سگهي ته هڪ نگران حڪومت اچي سگهي ٿي. ان ڪري وزيراعظم شهبازشريف کي بجيٽ جي منظور تائين پيپلزپارٽي کي پنهنجي حق ۾ راضي رکڻو پوندو ۽ ان جي مالي مطالبن کي پڻ تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي سگهي ٿو. بجيٽ تي قومي اسيمبلي ۾ بحث دوران مسلم ليگ فنڪشنل جي خاتون اسيمبلي ميمبر سائره بانو گوڙها روڪيندي هڪ جذباتي تقرير ڪئي هئي، جنهن جو پڙاڏو سوشل ميڊيا تي تاحال جاري آهي، جنهن ۾ هن چيو هو ته ڪيس 25 ڏينهن کان ڊيڄاريو پيو وڃي. اهڙي قسم جا الزام پي ٽي آءِ پاران لڳاتار لڳايا پيا وڃن. ته انهن جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي گرفتارين جو سلسلو هن وقت به جاري آهي، هڪ سياسي جماعت جي لاءِ خوف جي فضا قائم ڪئي وئي آهي، بهرحال پاڪستان ۾ جاري هڪ سياسي جماعت جي خاتمي جو تجربو ڪامياب نظر اچي رهيو آهي، ان جي ڪاميابي جي صورت ۾ مستقبل ۾ پڻ اهو تجربو ڪنهن به جماعت تي استعمال ٿيڻ جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. پر وقتي فائدي جي لاءِ اقتدار ۾ ويٺل جماعتون ان طريقڪار کي درست تصور ڪري رهيون آهن. انهن جي لاءِ هاڻي ميدان خالي آهي، پيپلزپارٽي جي چيئرمين آصف علي زرداري جي مفاهمتي جادوگري جي لاءِ اهڙن نتيجن جو امڪان وڌي رهيو آهي، جنهن سان اهي هڪ سئو ٽيهه کان هڪ سئو چاليهه سيٽون حاصل ڪري سگهي ٿو. آڪٽوبر جي امڪاني چونڊن ۾ پيپلزپارٽي کي پنهنجي ڪاميابي جي اميد واضح نظر اچي رهي آهي، پر خود مسلم ليگ ن انهن چونڊن کي اڳتي ڪرڻ چاهي ٿي، ته جيئن پنجاب ۾ اهڙي گرفت مضبوط ڪري وٺي، جنهن سان ٻي ڪا جماعت ان جي اقتدار جي لاءِ خطرو نه بڻجي سگهي، پيپلزپارٽي کي ان ڳالهه جو احساس آهي ته انهن جي پنجاب ۾ جاري سرگرمين ۾ ن ليگ رڪاوٽ بڻجي رهي آهي، خاص ڪري انهن جي بينرن ۽ پوسٽرن کي ڦاڙڻ ۽ لاهڻ جو عمل مشڪوڪ آهي ۽ پراسرار آهي، پاڪستان جي سياست ۾ ايندڙ ڪجهه مهينا مسلم ليگ ن ۽ پيپلزپارٽي جي لاءِ فيصلاڪن ٿيندو. في الحال ڪراچي ۾ مرتضيٰ جي ڪاميابي کانپوءِ بلاول ڀٽو جي وزيراعظم ٿيڻ جا امڪان وڌي چڪا آهن. آصف زرداري پاڪستان جي سياست جي سمورن اسرار ۽ رمزن کان واقف آهي، هو پنهنجي سياسي جادوگري سان ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو. اصل مسئلو عوام جو آهي. في الحال ان جي لاءِ راحت نه آهي. اها مهانگائي ۽ بيروزگاري جي شديد عذاب کي منهن ڏئي رهيو آهي. موسمياتي تبديلي ۽ وڌندڙ آبادي پڻ خوفناڪ مسئلن کي جنم ڏئي سگهي ٿي. جنهن تي ڪنهن جو ڌيان نه آهي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُمر'، اِيَ پَروڙج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄڻُ پَرِ پِرِين جي

نئون ميدان..... نوان امڪان!!

ارشاد لغاري

عمران خان جي تڏا ويڙهه کان پوءِ تيار ٿيندڙ نئين ميدان جي نون امڪانن ۾ هن وقت جيڪو اهم بحث هلي رهيو آهي. تنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ نون وچ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ اختلافن جي ڀچار سڀ کان مٿاهين بيٺي آهي. هونئن به اڳي پوءِ ايئن ئي ٿيڻو هو ڇاڪاڻ ته هن ملڪ ۾ اقتدار جي اصل جنگ پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ ۾ ئي رهي آهي ۽ اها اوستائين جاري رهندي. جيستائين انهن ٻنهي مستقل مخالفن مان ڪا هڪڙي ڌر پنهنجي سموري سگهه وڃائي نٿي ويهي. ان تناظر ۾ وري جڏهن زميني حقيقتن جو جائزو ٿا وٺون ته سگهه وڃائڻ جا گهڻا امڪان اصل ۾ انهي نواز ليگ جا ئي آهن. جنهن جا ڪارڪن توڙي اڳواڻ قربانين بدران رات پيٽ جي نوازشن سان ايئن نوازيا رهيا آهن جيئن اوچتو عمران خان وارو ٻوٽو ٻيهاريو ويو هو. جڏهن ته ان جي پيٽ ۾ پيپلز پارٽي جي هڪڙي الڳ تاريخ رهي آهي. اها تاريخ جيڪا ڪارڪن کان ويندي قيادت تائين ان ڳڻين قربانين جو سدا حيات رڪارڊ رکي ٿي. پنهنجي انهي ڳالهه سان اختلاف رکڻ جو حق سڀني کي آهي پر اڄ به ملڪ ۾ پارلياماني سياست ڪندڙ ڌرين مان جيتريون قربانيون پيپلز پارٽي جي ڪاتي ۾ آهن. ايتريون ٻي ڪنهن پارٽي وٽ ناهن. اهوئي سبب آهي جو هزار ڪمزورين جي باوجود عام ماڻهو اڄ به انهي پارٽي جي ئي پاسي بيٺل آهي.

ها سو پاڻ ڳالهه پئي ڪئي عمران جي تڏا ويڙهه کان پوءِ جڙندڙ نئين ميدان جي. ان نئين ميدان لاءِ جهانگير ترين جي اڳواڻي ۾ جيڪي نوان رانديگر تيار ڪيا پيا وڃن. تن جي اڳيان هلي اقتداري شراڪت ڪهڙي ڌر سان ڪرائي ويندي. تنهن کان في الحال هٽي ڪري پاڻ هر پارٽي جي پنهنجي الڳ سگهه جيڪڏهن ڏسون ٿا ته نواز ليگ هن وقت اقتدار ۾ هئڻ جي باوجود به ڪمزور نظر اچي ٿي. نواز ليگ جي اهڙي ڪمزوري ئي آهي. جنهن سبب هن نئين ميدان ۾ نواز ليگ هاڻوڪي اسٽبلشمينٽ جو هر شرط مڃڻ لاءِ تيار آهي. جڏهن ته پيپلز پارٽي انهن شرطن مان ڪافي شرطن تي اختلاف رکيا آهن.

پاڻ رڳو عمران خان تي هلندڙ ڪيسن جوئي ان ڏس ۾ مثال کڻي وٺون ته اهي ڪيس به نواز ليگ ملٽري ڪورٽن ۾ هلائڻ ٿي چاهي جڏهن ته پيپلز پارٽي عمران مٿان سمورا ڪيس عام عدالتن ۾ هلائڻ تي زور پري رهي آهي. پيپلز پارٽي جو موقف اهو آهي ته عمران خان مٿان جيڪڏهن ڪيس عام عدالتن ۾ نه هلايا ويا ته ان جو جمهوري قدرن کي چيهو رسندو ۽ آئيندي لاءِ اهڙي راهه هموار ٿي سگهي ٿي. جنهن جي قيمت هر سياسي ڌر کي ڀرڻي پوندي. پر نواز ليگ جيڪا پنجاب اندر عمران خان جي "مقبوليت" کان تمام گهڻو ڊنل آهي. تنهن کي اهو خوف آهي ته هن وقت عدالتن مان عمران کي مخصوص معجزاتي انداز ۾ جيڪا رعايت ملندي پئي اچي، سا اڳيان به جيڪڏهن جاري رهي ٿي ته ان جو سمورو نقصان ڪين ڀرڻو پئجي ويندو

هڪڙي پاسي عمران خان مٿان ڪيس هلائڻ جي طريقي بابت اختلاف آهن ته ٻي پاسي وفاق پاران سنڌ کي ٻوڏ متاثرن لاءِ جاري نه ٿيندڙ فنڊن کان ويندي اليڪشن وقت تي ڪرائڻ يا ڪجهه وقت لاءِ اڳتي ڌڪڻ واري چڪ چڪان پڻ هاڻ ڪنهن کان ڳجهي ناهي رهي. سنڌ حڪومت ته ايستائين به اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن وفاق جو اهو ئي رويو رهيو ته پوءِ گڏ نه هلي سگهبو. بلاول پنهنجي هڪ تازي تقرير ۾ اهو واضح چئي ڇڏيو آهي ته پيپلز پارٽي اليڪشن لاءِ تيار آهي باقي ٻين پارٽين کي به تياري ڪرڻ گهرجي ته جيئن چونڊون وقت تي ڪرائي سگهجن. پر ڇا نواز ليگ اليڪشن لاءِ تيار آهي؟ ان سوال جو مختصر جواب نه ۾ آهي. نواز ليگ جي خواهش آهي ته عمران خان جو معاملو مڪمل طور تي هڪ پاسي ڪري پوءِ ئي اليڪشن ۾ هٿ وجهجي ۽ نواز ليگ جي اهڙي خواهش جي هن وقت کان ئي نندا شروع ٿي وئي آهي. جڏهن ته پيپلز پارٽي پاران وقت تي اليڪشن ڪرائڻ واري اعلان جي سيني جمهوريت دوست حلقن ۾ پذيرائي وڌي رهي آهي. ان جو مطلب ته پيپلز پارٽي نئين ميدان ۾ ڏينهون ڏينهن پنهنجي حمايت ۾ واڌارو ڪندي پئي وڃي جڏهن ته نواز ليگ پنهنجي مٿان تنقيد جو بار جيئن پوءِ تيئن وڌائي رهي آهي. باقي هن ملڪ جي روايتي معجزن جي باري ۾ پاڻ جيئن ته ڪجهه به نٿا چئي سگهون. اهي معجزا ڪنهن مهل ڪنهن جي حق ۾ ٿا ٿين؟ تنهن لاءِ پاڻ کي اڃان ڪجهه وقت انتظار ڪرڻو پوندو

بقايا *** 01

۽ پائيٽي عمار صديق کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته غلام سرور خان 9 مئي جي واقعن ۾ گهربل هو

بقايا *** 02

ٿي آهي. اسان چاهيون ٿا ته سنڌ لاءِ وڌيڪ پئسا ۽ منصوبا رکيا وڃن. وفاقي حڪومت سان احتجاج ڪاميون سنڌ کي وڌيڪ 30 ارب رپيا ملندا. سندس چوڻ هو ته وفاق 25 ارب رپيا بجيٽ ۾ رکڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. جڏهن ته ٻوڏ دوران تباهه ٿيل اسڪولن لاءِ به ارب رپيا ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي. سنڌ اسيمبلي مالي سال 24_2023 جي بجيٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي. جنهن کانپوءِ اجلاس اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪيو ويو

بقايا *** 03

ملڪ ۾ ملهائي وئي. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ نصرت اصفهاني جي شادي جي 2 سالن کان پوءِ پنڪي پيدا ٿي جنهن جو نالو بينظير رکيو ويو. بينظير ڀٽو 21 جون 1953 ع تي پنٽو نرسنگ هوم ڪراچي ۾ پيدا ٿي. شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي لاڏلي ڌيءَ هجڻ سبب ننڍپڻ کان ئي پنهنجي والد سان پرڏيهي دورن تي ويندي هئي. بينظير ڀٽو ننڍي عمر ۾ ئي ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون هيون. هو آڪسفورڊ يونيورسٽي جي شاگرديائي به رهي چڪي هئي. 1977ع ۾ پنهنجي والد اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي گرفتاري کان پوءِ هوسياست جي ميدان ۾ لٿي پنهنجي والده بيگم نصرت ڀٽوسان گڏ هن جنرل ضياءَ جي آمريت جو مقابلو ڪيو ۽ نظربند ڪئي وئي. 1982 ع ۾ بينظير ڀٽو پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن چونڊجي وئي. جلاوطني کان پوءِ هو 1986 ع ۾ پهريون ڀيرو جڏهن لاهور پهتي ته ان ان جو تاريخي استقبال ڪيو ويو هن سڄي ملڪ جو به دورو ڪيو 1987 ع ۾ بينظير ڀٽو آصف زرداري سان شادي جي بندڻ ۾ ٻڌجي وئي. هو 1988 ع جي عام چونڊن ۾ تاريخي ڪاميابي کان پوءِ پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم چونڊجي وئي. شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومت کي صدر غلام اسحاق خان برطرف ڪيو ته هو ٻيهر جدوجهد جي ميدان ۾ لٿي ٻيون ڀيرو هو ٻيهر 1993 ع ۾ وزيراعظم چونڊجي وئي ۽ 1996 ع ۾ ڪيس ٻيهر برطرف ڪيو ويو. بينظير ڀٽو جلاوطني کان پوءِ 18 آڪٽوبر ۾ جڏهن ملڪ واپس موٽي ته ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ دفعو ٻيهر ان جو تاريخي استقبال ٿيو تڏهن ڪارساز جي هنڌ تي ان جي قافلي کي نشانو بنايو ويو جنهن ۾ اڍائي سئو کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿيا. شهيد محترمه بينظير ڀٽو سڄي ملڪ ۾ چونڊ جلسا ڪري رهي هئي. ان سلسلي ۾ 27 ڊسمبر 2007 تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ ڪامياب جلسي کي خطاب ڪرڻ کان پوءِ ڪيس واپس ويندي شهيد ڪيو ويو. پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي اڄ سڄي ملڪ ۾ 70هين سالگره ملهائي پئي وڃي.

بقايا *** 04

مڪمل ڪري ورتيون آهن. امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته حڪومتي پاليسين تي ناراض پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومت کان ڌار ٿيڻ جي لاءِ سمورين تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن. ذريعن موجب پ پ جي حڪمران اتحاد کان ڌار ٿيڻ تي پيپلزپارٽي کي پنجاب مان اينٽي نواز ووٽ ملڻ جي اميد آهي. جڏهن ته حڪمران اتحاد جي اهم پارٽي پيپلز پارٽي حڪومتي پاليسين تي سخت ناراض آهي. پ پ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته پيپلز پارٽي حڪمران اتحاد کان پنهنجا رستا ڌار ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي بجيٽ جي منظوري کان پوءِ پيپلز پارٽي جو حڪمران اتحاد سان ڌار ٿيڻ جو امڪان آهي. پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري حڪمران اتحاد کان ڌار ٿيڻ جي حوالي سان پارٽي ۾ مشاورت شروع ڪري ڇڏي آهي. پ پ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته حڪمران اتحاد سان ڌار ڪان پوءِ پيپلز پارٽي کي پنجاب ۾ اينٽي نواز ووٽ ملڻ جي اميد آهي. پنجاب ۾ پ پ ايندڙ عام چونڊن ۾ اينٽي نواز طاقتن کي گڏ ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي.

بقايا *** 05

مد ۾ شامل آهن. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته وفاقي حڪومت اسان سان واعدو ڪيو آهي ۽ ان واعدي تي پروسو ڪري رهيا آهيون. سنڌ اسيمبلي 24_2023 ع جي بجيٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي. ان موقعي تي اسيمبلي کي خطاب ڪندي مراد علي شاهه چيو ته وفاقي حڪومت ٻوڏ متاثرن لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي. ٻوڏ لاءِ 25 ارب رپيا به مختص ڪيا ويا آهن ڪيو ويو ۽ وفاقي حڪومت کان مدد گهري وئي. اسان ڏنل فنڊن مان مطمئن نه آهيون. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته وفاقي حڪومت اسان کي 25 ارب ڏيڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي آهي. اسان ٻوڏ متاثرن جي گهرن لاءِ 2 ملين رپيا رکيا آهن. هن چيو ته ٻوڏ سان تباهه ٿيل اسڪولن جي بحالي لاءِ هڪ اسڪيم ناهي وفاق کي ڏني وئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته 4 جي اسڪيم لاءِ 6 ارب رکيا ويا آهن. جنهن لاءِ 3 ارب سنڌ ۽ 3 ارب وفاق ڏيندو. مراد علي شاهه چيو ته 152 ڪٽ موشن آهن. هن وقت تائين بجيٽ ۾ 97 ڏنا آهن. ڪٽ موشن تيار ڪرڻ ۾ ميمبرن محنت ڪئي آهي، مان انهن ڪٽ موشن سان متفق ناهيان. هن چيو ته اسان جون ڪيترين ئي ملاقاتون آن لائين هونديون آهن جيڪي اسان کي پئسا بچائينديون آهن. توهان کي اسان کان خرچن بابت پڇڻ جو حق آهي ۽ اسان توهان کي قيمتون ٻڌائڻ جا پابند آهيون.

بقايا *** 06

۾ چيو ويو آهي ته سول لائينز ۽ ماڊل ٽائون جا ايس پي پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيشي کي يقيني بڻائيندو واضح رهي ته 9 مئي واقعن جي ڪيس ۾ قتل، پيچ ڊاهه، جلاءُ گهيراءُ ۽ دهشتگردي جا قلم شامل ٿيل آهن

بقايا *** 07

چيو ته لطيف کوسا کي چيو ويو ته ريڊ لائين نه ڪر. هن پارٽي جي ريڊ لائين ڪراس ڪئي، راڻا فاروق سعيد الزمان موهيو ته لطيف کوسا پ پ ۾ وڪيل بڻجي آيو ۽ فائدو وٺندو رهيو. هن پنهنجي پٽ کي آٽارني جنرل بڻائڻ چاهيو پر اهو عهدو نه ڏيڻ تي ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ شروع ڪيو ويو. پيپلز پارٽي سينٽرل پنجاب جي وقتي صدر چيو ته لطيف کوسا بنيادي رڪنيت ختم ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 08

ڪئي. ملاقات جي موقعي تي چيني ڪمپني سنڌ ۾ بجلي تي هلڻ واريون گاڏيون ٺاهڻ جي صنعت لڳائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيني ڪمپني جي خواهش جي آجيان ڪندي کين هر قسم جي سهڪار جي خاطري ڪرائي. ملاقات جي موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته سيڙڪارن ۽ صنعتڪارن جي مدد لاءِ سنڌ حڪومت هر وقت تيار آهي. صنعتڪارن کي زمين ڏيڻ سان گڏ کين سبسڊي به ڏني ويندي. هن چيو ته پلانٽ لڳائڻ سان ملڪ ۽ قوم کي فائدو ٿيندو، روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا.

بقايا *** 09

ٿيندو. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس طور مقرري 17 سيپٽمبر 2023ع کان جسٽس عمر عطا بنديال جي رٽائرمينٽ کان پوءِ لاڳو ٿيندي. چيف جسٽس جي مقرري صدر آئين جي آرٽيڪل 175 اي 3 تحت ڪئي آهي. صدر 17 سيپٽمبر 2023 تي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کان عهدي جو حلف کڻندو صدر 2 مهينا اڳ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي چيف جسٽس طور مقرري جي منظوري ڏئي چڪو آهي.

بقايا *** 10

سال جي وڌيڪ واڌ جي منظوري ڏئي ڇڏي ذريعن موجب اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي ٽن اعتراضن جي باوجود بورڊ جي هڪ سال لاءِ واڌ ڪئي وئي آهي وزيراعظم کان بورڊ جي مدي ۾ هڪ سال واڌ وٺڻ جي اڳواٽ منظوري ورتي وئي 11 رڪني بورڊ مان غياث احمد کي فارغ ڪيو ويو جڏهن ته ڪراچي چيمبر جي حسن زبير کي شامل ڪيو ويو بحري معاملن واري وزارت پنهنجي من پسند بورڊ ميمبرن جي مدي ۾ هڪ سال واڌ جي سفارش ڪئي بحري معاملن وفاقي ڪابينا کان سرڪيوليشن جي ذريعي منظوري ورتي قائدن مطابق ٻن سالن جو مدو پورو ٿيڻ تي اهل ماڻهن تي ٻڌل نئون بورڊ جوڙڻو هو

بقايا *** 11

مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ مني لانڊرنگ ڪيس ۾ ٻيهر گرفتار ڪري ورتو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن اينٽي ڪرپشن جي عدالت پنجاب اسيمبلي ۾ غيرقانوني ڀرتين جي ڪيس ۾ پرويز الاهي جي ضمانت منظور ڪئي هئي پر پرويز الاهي طرفان 10 هزار رپين جا مچلڪا جمع نه ڪرائڻ سبب سندس آزادي ممڪن نه بڻجي سگهي. ايف آءِ اي فوري طور پرويز الاهي خلاف مني لانڊرنگ جو وڌيڪ هڪ ڪيس داخل ڪري ڇڏيو هو. جيل مان آزادي بعد ٻيهر پرويز الاهي کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ايف آءِ اي طرفان پرويز الاهي کي 5 ڪمپنين ذريعي مني لانڊرنگ جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو آهي.

بقايا *** 12

ملي ميٽر) تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. اها ڪاميابي رائس ريسرچ انسٽيٽيوٽ، ڪالا شاهه ڪاڪو جي سائنسدانن حاصل ڪئي آهي. هنن پاران تيار ڪيل سونا سپر باسمتي چانورن جي نئين قسم جي ڊيگهه 9.5 ملي ميٽر آهي. چانورن جي ترقي يافته قسم پي ڪي 2021 هئي. جنهن جي داڻن جي ڊيگهه 8.26 ميٽر هئي. انسٽيٽيوٽ جي چيف سائنسدان سيد سلطان علي ۽ ڊاڪٽر مخدوم صابر موجب PARC ۾ رائس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڪالا شاهه ڪاڪو پاران تيار ڪيل چانورن جي ٻن قسمن کي عام پوکڻ لاءِ منعقد ٿيل ورائٽي ايويليوشن ڪميٽي ۾ تجويز ڪيو ويو آهي. KSK جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيد سلطان علي شاهه موجب چانورن جو هڪ قسم سونا سپر باسمتي آهي. جيڪو 9.5 ملي ميٽر ڊگهو آهي. جڏهن ته ساڳئي اداري طرفان تيار ڪيل ٻيو قسم رائيتل سپر باسمتي سڏجي ٿو جنهن ۾ لوهه آهي ۽ ملڪ جي پهرين مضبوط قسم آهي جنهن ۾ زنڪ مواد وڌيڪ آهي ان کان علاوه آر آءِ ڪالا شاهه ڪاڪو ملڪ جي پهرين نئين هائبرڊ قسم جي چانورن جي KSK 2023 پڻ متعارف ڪرائي آهي جنهن جي پيداوار 110 من في ايڪڙ آهي.

بقايا *** 13

ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. اليڪشن ڪميشن فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. فواد چوڌري جو وڪيل مرزا آصف اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿيو وڪيل آصف مرزا دليل ڏيندي چيو ته اسان کي رڳو گذريل ٻڌڻي جو حڪم مليو آهي. اڄ حاضري کان ڇوٽ ڏني وڃي. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اسان اعلان ڪيو هو ته شوڪاز ٿيندو. فواد چوڌري ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو هو ڇا آيو آهي؟ وڪيل آصف مرزا چيو ته اسان کي ڪجهه وقت ڏيو چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته ضمانتي وارنٽ اچڻ بعد ئي وقت ايندو. ميمبر ڪميشن چيو ته فواد چوڌري نٿو اچي. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته ڪنهن به قسم جي نرمي نه ڪئي ويندي. فواد چوڌري کي 6 جولاءِ تي پيش ٿيڻو پوندو.

بقايا *** 14

ڪرڻو پوندو ڪراچي ۾ يونيورسٽي ڪانووڪيشن سان خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڪراچي ۾ جيڪي نوجوانن کي گمراهه ڪري تشدد تي اڪسائڻ چاهين ٿا. انهن کي رد ڪرڻو پوندو. اسان مهانگائي ۾ واڌ ۽ معيشت ڪرڻ جهڙن چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهيون. هن چيو ته غربت ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اڄ تقريب ۾ شرڪت مون لاءِ اعزاز آهي. موجوده نسل ميرٽ ۽ شفافيت تي يقين رکي ٿو سندس چوڻ هو ته پاڪستان ڪنهن خاص طبقي يا ڪجهه ماڻهن جو نه پر سڀني جو آهي. نوجوان اصل سرمايو آهن. اهي ئي حال ۽ مستقبل جون اميدون آهن. ڪير نوجوانن کي تشدد تي اڪسائي، نفرت تي ٻڌل ڳالهيون ڪري ته ان کي رد ڪري ڇڏيو

بقايا *** 15

زندگي اسان لاءِ مشعل راهه آهي، سندس جدوجهد کي هزارين سالن تائين ياد رکيو ويندو قائم علي شاهه لهراءِ پڙهڻ وقت چوندو رهيو ته معاف ڪجو! مان عينڪ گهر وساري آيو آهيان. ڪجهه غلطي ٿي وڃي ته معاف ڪجو هن چيو ته اڄ ڪلهه جا ماڻهو ڪوڙو روئيندا آهن. شهيد ڀٽو جي دور ۾ ماڻهن سچ ۾ لڙڪ لاڙيا ۽ اذيتون برداشت ڪيون. شهيد بينظير ڀٽو ننڍي عمر ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت سنڀالي ۽ جيئي ڀٽو سلوگن کي اڳتي وڌايو

بقايا *** 16

گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) شاهدين گڏ ڪري وٺي پوءِ سفارشن تي عمل ڪنداسين. هن چيو ته نوازشريف سان ملاقات دوران قانوني معاملن تي ڳالهيون ٿيون. چونڊيل وزيراعظم کي هٽائي هڪ شخص کي آڻڻ جي لاءِ هڪ راند کيڏي وئي هئي. اعظم نذير تارڙ اهو به چيو ته عمران خان تي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ جو فيصلو قانون موجب ئي ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته واپسي جي حوالي سان نوازشريف جو روڊ ميپ ڏينداسين ان تي عمل ٿيندو. چونڊ مهم جي قيادت نوازشريف پاڻ ڪندو.

بقايا *** 17

جي وارثن جو چوڻ هو ته هفتو اڳ عبدالرحمان جعفري کي هٿياربندن اغوا ڪري ويا. پوليس ڪا ڪارروائي نٿي ڪري. ڌرڻي سبب ڪچي رستي سان ويندڙ مسافر وين مان هٿياربندن پاران ڦرلٽ پڻ ڪئي وئي 4ڪلاڪن بعد ڊي ايس پي ڪنڊڪوٽ مظاهرين وٽ پهچي ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو. مغوي جي وارثن موجب ڊي ايس پي مغوي جي بازيابي لاءِ پنجن ڏينهن جي مهلت ورتي آهي. ٻئي پاسي ڪشمور جي ڊڪڻ بنگلو واري علائقي مان اغوا ٿيل نوجوان جي وارثن جو انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو. ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي. مسافر توڙي ڊرائيور سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا. مغوي جي وارثن جو چوڻ هو ته هٿياربند 2 هفتا اڳ مريد دستي کي اغوا ڪري ويا. پوليس ڪيس بازياب نٿي ڪرائي. واهر ڪئي وڃي

بقايا *** 18

ڇڏيو. هائير ايجوڪيشن ڪميشن چيو آهي ته اهڙي قسم جون سرگرميون ملڪ جي سماجي ۽ ثقافتي قدرن کان مڪمل طور لاتعلقي ظاهر ڪن ٿيون ۽ اسلامي سڃاڻپ کي نقصان پهچائين ٿيون. اهو قدم اسلام آباد جي قائداعظم يونيورسٽي ۾ هولي ملهائڻ جون تصويرون ۽ وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ کانپوءِ سامهون آيو آهي. ايڇ اي سي طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته سماجي ۽ ثقافتي قدرن تي عمل ڪرڻ لاءِ شاگردن کي ان فيسٽيول تي عمل ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ٻڌائيءَ موجب ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ثقافتي، نسلي ۽ مذهبي رنگ هڪ گڏيل ۽ روادار معاشري ڏانهن وٺي وڃي ٿو. جيڪو سڀني عقيدت جو گهرو احترام ڪري ٿو پر شاگردن کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪرڻ جي ضرورت آهي ته اهي پنهنجي ذاتي مفادن کان آگاهه هجن.

بقايا *** 19

خانداني ذريعن موجب جسٽس(ر) قاضي امين گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان راولپنڊي جي انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيالوجي ۾ علاج هيٺ هو. خانداني ذريعن موجب جسٽس(ر) قاضي امين جي جنازي نماز اڄ شام 6 وڳي راولپنڊي ۾ ادا ڪئي ويندي.

بقايا *** 20

. منهنجو ايمان آهي جڏهن دنيا اوهان جي خلاف هجي ۽ خاص طور تي جڏهن اوهان جا مخالف اهڙي قسم جون سازشون ڪري اوهان جي بدنامي ڪن ۽ بيعزتي ڪن ته مٿي الله جي ذات ويٺل آهي جيڪا اهڙي وقت ۾ ان ماڻهو جي مدد ڪندي آهي ۽ رستو ڪڍيو ويندو آهي.

بقايا *** 21

مگسي زخمي ٿي پيا. عورت جي لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمين مان 25ورهين جي ناظم مگسي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو. ڊي ايس پي نري ميرواهه. ايس ايڇ او فيض گنج ۽ ايس ايڇ او اڪري واقعي واري هنڌ پهچي ويا. هڪ ڌر جا 3 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا. نيڪ محمد مگسي ۽ محبوب مگسي ڌرين جا هڪٻئي تي اگرائي ڪرڻ جا الزام هنيا ويا

بقايا *** 22

اسان کي تياري ڪرڻي آهي. مون هائبرڊ ماڊل کي پهريان ئي رد ڪري ڇڏيو هو سندس چوڻ هو ته ايشين ڪرڪيٽ ڪائونسل پاڪستان کي ايشيا ڪپ جي ميزباني ڏني، پاڪستان کي مڪمل ايشيا ڪپ جي ميزباني ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته ايشيا ڪپ جون اهم ميچون ٻاهر ٿينديون ۽ نيپال، ڀوٽان جون ميچون پاڪستان ۾ ٿينديون. پاڪستان سان هائبرڊ ماڊل ناانصافي آهي. ذڪاءُ اشرف چيو ته پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين، اسلام آباد ۾ ڪرڪيٽ اسٽيڊيم جي تعمير جو رٿابندي هئي. بدقسمتيءَ سان منصوبو اڳتي نه وڌي سگهيو. ڪرڪيٽ ملڪ کي متحد ڪندي آهي. سموري ملڪ مان ٽيلينٽ سامهون اچي رهيو آهي.

بقايا *** 23

پوليس اهلڪار عورتن کي گهليندا رهيا اهلڪارن عورتن کي وارن کان گهلي تذليل جو نشانو بڻايو. شهري تماشو ڏسندا رهيا. پوليس تشدد جي ڪوريج ڪندڙ ڪائم نيوز جي ڪئمرا مين يوسف سومرو کان موبائل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڳوٺاڻن ۽ عورتن تي تشدد ڪندڙ گارڊ قربان شر ڊي ايس پي پريا جو گن مين آهي

بقايا *** 24

ڪميشن کي درخواست ڏني رهيا آهيون جيڪو اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۾ چونڊ صحيح ناهي ڪرائي سگهيو اهو پاڪستان ۾ ڇا ڪندو اليڪشن ڪميشن ۽ پي پي پي هڪ ٻئي جا سهولتڪار آهي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي اليڪشن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀ ڄاڻين ٿا انسانن کي گم ڪري قوم سان مذاق ڪئي وئي جماعت اسلامي جعلي مينڊيٽ کي قبول نه ڪندي ادارا نورالحق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب جي حوالي سان سوال اٿاريو ته جيڪو هاڻي ميئر ٿيو آهي اهو ايڊمنسٽريٽر به هو هن ان وقت ڪهڙو ڪم ڪيو هو هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو ته جيئن ڪراچي ۾ ڪٽيو آهي تيئن ئي پوري پاڪستان ۾ ڪٽنداسين بلاول جي ان ڳالهه سان پاڪستان ۾ خوف ڇانئجي ويو ته ڪيترا ماڻهو هاڻي گم ٿيندا اسان ڪيترائي ڀيرا قوم اڳيان حقيقتون رکيون آهن انهن سڀني گڏجي جي عوام جي مينڊيٽ جي توهين ڪئي آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته سنڌ ۾ عوام جو جيڪو حال آهي اهو سڀني جي سامهون آهي سنڌ جي حد ۾ ۽ حد کان ٻاهر زمين ۽ آسمان جو فرق آهي هن چيو ته 50 سالن کان هي ماڻهو حڪومت ۾ آهن 15 سالن کان هي پي پي مستقل سنڌ حڪومت ۾ آهي پي پي جي ڪل ڪارڪردگي تعليم ۽ صحت ۾ ڇا آهي؟ ڪرپشن ۾ پي پي جوليول ئي الڳ آهي هن وقت ڪراچي ۾ زمينن جي قبضي تي ان جو نيٽ ورڪ ڪم ڪري رهيو آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته بلاول کان پڇڻ چاهيان ٿو ته ڪي فوررٽا بنديادي طور تي سنڌ حڪومت کي ڪرڻي هئي هي رٽا هن وقت تائين مڪمل ڇو ناهي ٿي ميئرشپ تي به قبضو ڪيو ويو ڪي فور تي هن وقت تائين 25 کان 30 ارب رپيا ضايع ٿي چڪا آهن هن چيو ته ڪراچي کي 15 سالن ۾ ڇو گرين نه ڪيو ويو اسان جي ٽيڪسز جو پئسو آهي اوهان اسان جا ئي پئسا وٺي ڪرپشن ڪندا؟ هي ڪرپشن جو ڌنڌو وڌندو پيو وڃي ٻوڏ جا پئسا به اوهان کائي ڇڏيا آهن اسان ٽيڪس ڏيون ٿا ته وفاق ۽ صوبي جو بجيٽ تيار ٿئي ٿو حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسان هي حق رکون ٿا ته وڏيرن کان سوال ڪريون ته ڪم ڇو ناهي ٿيو مرتضيٰ وهاب ته صلاحڪار به هو ته ڪم ڇو ناهي ٿيو بلاول کان سوال ڪريان ٿو ته ڪراچي جا انسان ڪٿي آهن جن کي اوهان ڇاٽي واٽي ڪائونٽ ناهي ڪيو اسان جي ڳڻپ ڪاٿو ٿا ۽ ڇو ٿا ڪراچي اهميت رکي ٿو هن چيو ته جماعت اسلامي کي سڀ کان گهڻا ووٽ ڏنا ويا اسان اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڏني رهيا آهيون ته هن چونڊ کي ڪالعدم ڪري هاءِ ڪورٽ وينداسين اتي ڪجهه نه مليو ته سپريم ڪورٽ وينداسين ڪنهن به چيئرمين تي الزام نه پيو لڳايان پريا ته پي پي خريد ڪري يا ڏاڍ سان انهن کي روڪيو آهي هن چيو ته 23 تاريخ تي اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن اڳيان احتجاج ٿي رهيو آهي جيڪو پي پي جو باشعور ورڪر آهي اهو چئي رهيو آهي ته ڌانڌلي ٿي رهي آهي.

بقايا *** 25

گم ٿيل 13 ورهين جي عامرا محمود ۽ 15 ورهين جي حارث محمود جي ڳولا جاري آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته حارث محمود کي آخري ڀيرو پنهنجي ننڍي ڀيڻ سان گڏ بريڊ فورڊ جي علائقي ايلرٽن ۾ ڏٺو ويو هو پوليس عوام کي اپيل ڪئي آهي ته ٻنهي ڀينرن بابت ڪنهن کي به ڪا ڄاڻ هجي ته فوري طور آگاهي ڏني وڃي.

بقايا *** 26

چو پلا ڪربلا ڪربلا جا نعرا هڻي رهيا هئا ڌرتي کي هاري آبادگار اڳواڻن محسن علي قاضي، غلام مرتضيٰ لاشاري، عجب ٽوٽاڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ ڪڏهن ٻوڏ ته ڪڏهن سوڪ آهي آخر اهو ظلم ڪڏهن بند ڪيو ويندو هنن چيو ته پاڻي نه ملڻ سبب فصل تباهه ٿي رهيا آهن. گذريل سال برساتي ٻوڏ سبب ساريالو فصل تباهه ٿيو هن سال وري پاڻي جي کوٽ سبب ساريالي فصل جي ٻيجاري جي به پوکي ڪري نه سگهيا آهيو هنن چيو ته هن ضلعي جي معيشت جو دارو مدار زراعت تي آهي درياهه جي ساڄي پاسي جي شاخن ڪينالن ۽ واهن ۾ پاڻي نه پيو ڇڏيو وڃي. جيڪڏهن مٿان کان پاڻي جي کوٽ آهي ته نقصان به سڀني کي برابر ڏنو وڃي آبادگارن الزام هنيو ته پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪرڻ بدران بااثر زميندارن کي پاڻي ڏنو پيو وڃي هنن جو چوڻ هو ته قمبر ضلعي جي شاخن ۽ واهن مان واري اڏامي رهي آهي هن وقت سارين جي ٻيجاري جي پوکائي جي مند آهي جيڪڏهن وقت سر پاڻي نه ڏنو ويو ته ساريالي فصل جي پوکائي متاثر ٿيندي

بقايا *** 27

ڇڏي. ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ٿيندڙ اجلاس ۾ اقتصادي رابطا ڪميٽي ڪراچي جي بجلي واپرائيندڙن تي سرچارج لڳائڻ جي منظوري ڏني. پڌرائيءَ موجب ڪراچي جي بجلي واپرائيندڙن کان 12 مهينن ۾ سرچارج جي مد ۾ هڪ رپيو 52 في يونٽ وصولي ڪئي ويندي.

بقايا *** 28

ڪئي ۽ ڪيس عمران خان جو چوند اتحاد ڪرڻ جو پيغام پهچايو هو ملاقات ۾ ملڪ رياض اها به آصف زرداري کي درخواست به ڪئي هئي ته پلي بارگين تحت هو برطانيا کان آيل 60 ارب رپيا سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ تيار آهي. ڪيس ڪيس مان آجو ڪرايو وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي صدر اها ملڪ رياض جي درخواست يا پيغام اسٽيبلشمينٽ سربراهه تائين پهچايس پر ذريعن جو چوڻ آهي ته موٽ ۾ ملڪ رياض سان رعايت کان انڪار ڪيو ويو آهي. ان جو وڏو ڪارڻ آرمي چيف جو انتهائي ايماندار ۽ حافظ قرآن هجڻ آهي. ان ڪري هن ڀيري ملڪ رياض لڳي ٿو ته ٻه چنگهو ڦاٿو آهي وڌيڪ ايندڙ وقت ٻڌائيندو

بقايا *** 29

کي هڪ گروپ کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪڏهن اهو گروپ راضي ٿيو ته وزيراعظم جي حمايت ڪندو صحافي حامد مير جي پروگرام ۾ فيصل واوڊا اهڙو انڪشاف ڪيو آهي ته محب وطن پاڪستانين جي 45 ايم اين ايز جو هڪ آزاد گروپ هوندو هن چيو ته آزاد ماڻهو جيڪڏهن چاهيندا ته وزيراعظم جي حمايت ڪندا ۽ تڏهن ئي ڪو وزيراعظم ٿي سگهندو چونڊون هن ئي سال ٿينديون پر چونڊن ۾ 45 کن ماڻهن جو گروپ سامهون ايندو جيڪو آزاد اميدوار طور چونڊون وڙهندو ۽ اهوئي گروپ وزيراعظم کي ناهيندو ۽ انهيءَ جي چوڻ تي وزيراعظم کي به هلڻو پوندو.

بقايا *** 30

بدين کان 15 ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي اڪرم واهه تيل ريگيوليٽر وٽ با اثر سرڪار ڪپر کي به بند ڪري اچڻ وڃڻ جو رستو بند ڪري ڇڏيو آر ڊي 315 وٽ رستو بند هجڻ ڳوٺ الهبچايو جوٺيجو جا رهواسي ڪچي گاهه جي تري (مڏ) تي خطرناڪ اڪرم واهه سان سان گذريل ٽن مهينن کان ولي تار تان گذرن ٿا ڪافي دفعا تيز هوائن سبب تار ڪي جهلي هلندڙ ٽرو به ڪلٽي ٿيڻ کان بچي ويو آهي معصوم ٻار روز زندگي ۽ موت جي ٿوري فاصلي تان گذرن ٿا. ايڪسن اڪرم واهه ۽ مختيارڪار روينيو بدين به اڪرم واهه آر ڊي 315 وٽ ڪپر بند هجڻ جي رپورٽ پڻ ڏيئي ڇڏي فريادي بشير جوٺيجو موجب بدين جي عدالت ۾ ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي پر اسان جي معصوم ٻارن جي زندگيون خطري هيٺ آهن جيڪڏهن با اثرن ڪپر خالي ڪري رستو نه ڏنو ته ڪنهن به وقت وڏو انساني الميو پيدا ٿي سگهي ٿو اڪرم واهه هن وقت خطرناڪ صورتحال سان وهي رهيو آهي اسان سخت تڪليف ۾ آيون.

بقايا *** 31

جو حصو نه ملڻ سبب رائس ڪئنال، جهيمل شاخ سميت سنڌ جي ڪيترن ئي واهن جا آبادگار پاڻي جي کوٽ سبب فصل جي پوکائي نه ڪري سگهيا آهن ته هوڏانهن پنجاب جي ڊاڙيل واهن ذريعي پاڻي کنيو پيو وڃي ۽ ڊئم ڀرايا پيا وڃن جيئن ته موسمياتي ماهرن طرفان مونسون جي تيز برساتن جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي ۽ انهن ڏينهن دوران وري ڊئم فل هجڻ جو بهاتو ڪري سنڌ کي هٿ وٺي ٻوڙايو ويندو. گذريل سال ٻوڏ سبب ڪيترائي هاري ۽ ڪيٽ مزدور متاثر ٿيا جن کي اڃا تائين ڪو معاوضو ناهي ڏنو ويو. اڳواڻن مطالبو ڪيو آهي ته پنجاب جا ڊاڙيل واهه ۽ ڪئنال بند ڪري سنڌ کي ان جي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي ۽ برساتن سبب متاثر ٿيل ڪيٽ مزدورن جي سروي ڪري کين معاوضو ڏنو وڃي.

بقايا *** 32

ملڪ ۾ ملهائي وئي. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ نصرت اصفهاني جي شادي جي 2 سالن کان پوءِ پنڪي پيدا ٿي جنهن جو نالو بينظير رکيو ويو. بينظير ڀٽو 21 جون 1953 ع تي پنٽو نرسنگ هوم ڪراچي ۾ پيدا ٿي. شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي لاڏلي ڌيءَ هجڻ سبب ننڍپڻ کان ئي پنهنجي والد سان پرڏيهي دورن تي ويندي هئي. بينظير ڀٽو ننڍي عمر ۾ ئي ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون هيون. هو آڪسفورڊ يونيورسٽي جي شاگرديائي به رهي چڪي هئي. 1977ع ۾ پنهنجي والد اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي گرفتاري کان پوءِ هوسياست جي ميدان ۾ لٿي پنهنجي والده بيگم نصرت ڀٽوسان گڏ هن جنرل ضياءَ جي آمريت جو مقابلو ڪيو ۽ نظربند ڪئي وئي. 1982 ع ۾ بينظير ڀٽو پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن چونڊجي وئي. جلاوطني کان پوءِ هو 1986 ع ۾ پهريون ڀيرو جڏهن لاهور پهتي ته ان ان جو تاريخي استقبال ڪيو ويو هن سڄي ملڪ جو به دورو ڪيو 1987 ع ۾ بينظير ڀٽو آصف زرداري سان شادي جي بندڻ ۾ ٻڌجي وئي. هو 1988 ع جي عام چونڊن ۾ تاريخي ڪاميابي کان پوءِ پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم چونڊجي وئي. شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومت کي صدر غلام اسحاق خان برطرف ڪيو ته هو ٻيهر جدوجهد جي ميدان ۾ لٿي ٻيون ڀيرو هو ٻيهر 1993 ع ۾ وزيراعظم چونڊجي وئي ۽ 1996 ع ۾ ڪيس ٻيهر برطرف ڪيو ويو. بينظير ڀٽو جلاوطني کان پوءِ 18 آڪٽوبر ۾ جڏهن ملڪ واپس موٽي ته ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ دفعو ٻيهر ان جو تاريخي استقبال ٿيو تڏهن ڪارساز جي هنڌ تي ان جي قافلي کي نشانو بنايو ويو جنهن ۾ اڍائي سئو کان وڌيڪ ماڻهو شهيد ٿيا. شهيد محترمه بينظير ڀٽو سڄي ملڪ ۾ چونڊ جلسا ڪري رهي هئي. ان سلسلي ۾ 27 ڊسمبر 2007 تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ ڪامياب جلسي کي خطاب ڪرڻ کان پوءِ ڪيس واپس ويندي شهيد ڪيو ويو. پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي اڄ سڄي ملڪ ۾ 70هين سالگره ملهائي پئي وڃي.

بقايا *** 33

ڪميشن کي درخواست ڏني رهيا آهيون جيڪو اليڪشن ڪميشن ڪراچي ۾ چونڊ صحيح ناهي ڪرائي سگهيو اهو پاڪستان ۾ ڇا ڪندو اليڪشن ڪميشن ۽ پي پي پي هڪ ٻئي جا سهولتڪار آهي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي اليڪشن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀ ڄاڻين ٿا انسانن کي گم ڪري قوم سان مذاق ڪئي وئي جماعت اسلامي جعلي مينڊيٽ کي قبول نه ڪندي ادارا نورالحق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب جي حوالي سان سوال اٿاريو ته جيڪو هاڻي ميئر ٿيو آهي اهو ايڊمنسٽريٽر به هو هن ان وقت ڪهڙو ڪم ڪيو هو هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو ته جيئن ڪراچي ۾ ڪٽيو آهي تيئن ئي پوري پاڪستان ۾ ڪٽنداسين بلاول جي ان ڳالهه سان پاڪستان ۾ خوف ڇانئجي ويو ته ڪيترا ماڻهو هاڻي گم ٿيندا اسان ڪيترائي ڀيرا قوم اڳيان حقيقتون رکيون آهن انهن سڀني گڏجي جي عوام جي مينڊيٽ جي توهين ڪئي آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته سنڌ ۾ عوام جو جيڪو حال آهي اهو سڀني جي سامهون آهي سنڌ جي حد ۾ ۽ حد کان ٻاهر زمين ۽ آسمان جو فرق آهي هن چيو ته 50 سالن کان هي ماڻهو حڪومت ۾ آهن 15 سالن کان هي پي پي مستقل سنڌ حڪومت ۾ آهي پي پي جي ڪل ڪارڪردگي تعليم ۽ صحت ۾ ڇا آهي؟ ڪرپشن ۾ پي پي جوليول ئي الڳ آهي هن وقت ڪراچي ۾ زمينن جي قبضي تي ان جو نيٽ ورڪ ڪم ڪري رهيو آهي حافظ نعيم الرحمان چيو ته بلاول کان پڇڻ چاهيان ٿو ته ڪي فوررٽا بنديادي طور تي سنڌ حڪومت کي ڪرڻي هئي هي رٽا هن وقت تائين مڪمل ڇو ناهي ٿي ميئرشپ تي به قبضو ڪيو ويو ڪي فور تي هن وقت تائين 25 کان 30 ارب رپيا ضايع ٿي چڪا آهن هن چيو ته ڪراچي کي 15 سالن ۾ ڇو گرين نه ڪيو ويو اسان جي ٽيڪسز جو پئسو آهي اوهان اسان جا ئي پئسا وٺي ڪرپشن ڪندا؟ هي ڪرپشن جو ڌنڌو وڌندو پيو وڃي ٻوڏ جا پئسا به اوهان کائي ڇڏيا آهن اسان ٽيڪس ڏيون ٿا ته وفاق ۽ صوبي جو بجيٽ تيار ٿئي ٿو حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسان هي حق رکون ٿا ته وڏيرن کان سوال ڪريون ته ڪم ڇو ناهي ٿيو مرتضيٰ وهاب ته صلاحڪار به هو ته ڪم ڇو ناهي ٿيو بلاول کان سوال ڪريان ٿو ته ڪراچي جا انسان ڪٿي آهن جن کي اوهان ڇاٽي واٽي ڪائونٽ ناهي ڪيو اسان جي ڳڻپ ڪاٿو ٿا ۽ ڇو ٿا ڪراچي اهميت رکي ٿو هن چيو ته جماعت اسلامي کي سڀ کان گهڻا ووٽ ڏنا ويا اسان اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڏني رهيا آهيون ته هن چونڊ کي ڪالعدم ڪري هاءِ ڪورٽ وينداسين اتي ڪجهه نه مليو ته سپريم ڪورٽ وينداسين ڪنهن به چيئرمين تي الزام نه پيو لڳايان پريا ته پي پي خريد ڪري يا ڏاڍ سان انهن کي روڪيو آهي هن چيو ته 23 تاريخ تي اسلام آباد ۾ اليڪشن ڪميشن اڳيان احتجاج ٿي رهيو آهي جيڪو پي پي جو باشعور ورڪر آهي اهو چئي رهيو آهي ته ڌانڌلي ٿي رهي آهي.

بقايا *** 34

ملي ميٽر) تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. اها ڪاميابي رائس ريسرچ انسٽيٽيوٽ، ڪالا شاهه ڪاڪو جي سائنسدانن حاصل ڪئي آهي. هنن پاران تيار ڪيل سونا سپر باسمتي چانورن جي نئين قسم جي ڊيگهه 9.5 ملي ميٽر آهي. چانورن جي ترقي يافته قسم پي ڪي 2021 هئي. جنهن جي داڻن جي ڊيگهه 8.26 ميٽر هئي. انسٽيٽيوٽ جي چيف سائنسدان سيد سلطان علي ۽ ڊاڪٽر مخدوم صابر موجب PARC ۾ رائس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڪالا شاهه ڪاڪو پاران تيار ڪيل چانورن جي ٻن قسمن کي عام پوکڻ لاءِ منعقد ٿيل ورائٽي ايويليوشن ڪميٽي ۾ تجويز ڪيو ويو آهي. KSK جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيد سلطان علي شاهه موجب چانورن جو هڪ قسم سونا سپر باسمتي آهي. جيڪو 9.5 ملي ميٽر ڊگهو آهي. جڏهن ته ساڳئي اداري طرفان تيار ڪيل ٻيو قسم رائيتل سپر باسمتي سڏجي ٿو جنهن ۾ لوهه آهي ۽ ملڪ جي پهرين مضبوط قسم آهي جنهن ۾ زنڪ مواد وڌيڪ آهي ان کان علاوه آر آءِ ڪالا شاهه ڪاڪو ملڪ جي پهرين نئين هائبرڊ قسم جي چانورن جي KSK 2023 پڻ متعارف ڪرائي آهي جنهن جي پيداوار 110 من في ايڪڙ آهي.

بقايا *** 35

چو پلا ڪربلا ڪربلا جا نعرا هڻي رهيا هئا ڌرتي کي هاري آبادگار اڳواڻن محسن علي قاضي، غلام مرتضيٰ لاشاري، عجب ٽوٽاڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ ڪڏهن ٻوڏ ته ڪڏهن سوڪ آهي آخر اهو ظلم ڪڏهن بند ڪيو ويندو هنن چيو ته پاڻي نه ملڻ سبب فصل تباهه ٿي رهيا آهن. گذريل سال برساتي ٻوڏ سبب ساريالو فصل تباهه ٿيو هن سال وري پاڻي جي کوٽ سبب ساريالي فصل جي ٻيجاري جي به پوکي ڪري نه سگهيا آهيو هنن چيو ته هن ضلعي جي معيشت جو دارو مدار زراعت تي آهي درياهه جي ساڄي پاسي جي شاخن ڪينالن ۽ واهن ۾ پاڻي نه پيو ڇڏيو وڃي. جيڪڏهن مٿان کان پاڻي جي کوٽ آهي ته نقصان به سڀني کي برابر ڏنو وڃي آبادگارن الزام هنيو ته پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪرڻ بدران بااثر زميندارن کي پاڻي ڏنو پيو وڃي هنن جو چوڻ هو ته قمبر ضلعي جي شاخن ۽ واهن مان واري اڏامي رهي آهي هن وقت سارين جي ٻيجاري جي پوکائي جي مند آهي جيڪڏهن وقت سر پاڻي نه ڏنو ويو ته ساريالي فصل جي پوکائي متاثر ٿيندي

بقايا *** 36

مڪمل ڪري ورتيون آهن. امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته حڪومتي پاليسين تي ناراض پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومت کان ڌار ٿيڻ جي لاءِ سمورين تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن. ذريعن موجب پ پ جي حڪمران اتحاد کان ڌار ٿيڻ تي پيپلزپارٽي کي پنجاب مان اينٽي نواز ووٽ ملڻ جي اميد آهي. جڏهن ته حڪمران اتحاد جي اهم پارٽي پيپلز پارٽي حڪومتي پاليسين تي سخت ناراض آهي. پ پ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته پيپلز پارٽي حڪمران اتحاد کان پنهنجا رستا ڌار ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي بجيٽ جي منظوري کان پوءِ پيپلز پارٽي جو حڪمران اتحاد سان ڌار ٿيڻ جو امڪان آهي. پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري حڪمران اتحاد کان ڌار ٿيڻ جي حوالي سان پارٽي ۾ مشاورت شروع ڪري ڇڏي آهي. پ پ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته حڪمران اتحاد سان ڌار ڪان پوءِ پيپلز پارٽي کي پنجاب ۾ اينٽي نواز ووٽ ملڻ جي اميد آهي. پنجاب ۾ پ پ ايندڙ عام چونڊن ۾ اينٽي نواز طاقتن کي گڏ ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي.

بقايا *** 37

۾ چيو ويو آهي ته سول لائينز ۽ ماڊل ٽائون جا ايس پي پي ٽي آءِ چيئرمين جي پيشي کي يقيني بڻائيندو واضح رهي ته 9 مئي واقعن جي ڪيس ۾ قتل، پيچ ڊاهه، جلاءُ گهيراءُ ۽ دهشتگردي جا قلم شامل ٿيل آهن

بقايا سنڌيار 01

هيٺ اچي ويو آهن. جڏهن ته ڏڙو پنجاري ڪئنال جي صفائي ۾ ان جي سارسنڀال لاءِ سرڪار طرفان ڪروڙين روپين جا فنڊ جاري ٿيڻ باوجود بدمست آبپاشي کاتو ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي. ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن علي احمد ٻگهڪ، امام ڏنو ترڪ، نورل نوناري، انور شيخ ۽ ٻين آبپاشي کاتي ڏڙو جي نااهلي خلاف احتجاج ڪندي چيو آهي ته پنجاري ڪئنال جي سالن کان وٺي صفائي نه ٿيڻ ۽ ٻگهڪ موري پنجاري پل هيٺان گذرندڙ ڪئنال ۾ ٻي پاڙي ول سبب هيستائين 20 کان وڌيڪ مينهون وچڙي ٻڏي مري ويون آهن. جڏهن ته پنجاري ڪئنال مان نڪرندڙ 25 کان وڌيڪ ننڍن وڏن واهن ۽ شاخن کي پاڻي جي رڪاوٽ سبب سوين ايڪڙن تي پوکيل فصل پاڻي نه ملڻ سبب سڪي تباهه ٿي ويا آهن. جڏهن ته قادرڏنو شاهه ريگيوليٽر کان ٻگهڪ موري وٽان وهندڙ پنجاري واهه جا ٻئي پاسا سائي ول جي چادر اوڍي ٽرجي وئي آهي. جنهن سبب پاڻي جي کوٽ هئڻ سان گڏوگڏ پنجاري واهه چوپائي مال لاءِ موت جو راڪاس بڻجي ويو آهي. پر انتظاميا ڪو به نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي. هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پنجاري واهه مان سائي ول جي صفائي ڪرائي غريب ڳوٺاڻن ۽ آبادگارن کي وڏي جاني ۽ مالي نقصان کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

نادر چانڊيو احسان ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن محترمه بينظير ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو ملڪ جي عوام لاءِ جان جو نذرانو ڏنو سندن ڪيل خدمتن کي ڪڏهن به نه ٿو وساري سگهجي هنن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي امڙ جي نقش قدم تي هلندي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿو ۽ مستقبل جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو ان موقعي تي زاهد تاج ميمڻ وهاب عباسي غفور ڪوڪر شاهزيب سهتو فراز راڄپر توفيق چانڊيو محمد خان ڪوراني ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 03

مان لاڏائو ڪري وئي جنهن جي جنازا نماز ٽنڊو لڳ ڳوٺ خانواهه جروار جي المصطفي' عيد گاهه ۾ ادا ڪئي ويندي ،جنهن ۾ سياسي سماجي ،ادبي مذهبي غوثيه جماعت جي مريدن، ڳوٺاڻن ،۽ هر مڪتب فڪر سان واسطو رکندڙن شرڪت ڪئي بعد ۾ سندس جي مڙهه کي اباڻي قبرستان بلند شاهه جي مقام ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سندس جو ٽڏو ٽنڊو ديرو محله غريب آباد ۾ وڇايو ويو آهي هوڏانهن،ٽڏي تي پهچي غوثيه جماعت جي مريدن ۽ عقيدت مندن فقير شاد محمود ڀٽو،ضمير ڀٽو،منير احمد جروار،غلام عباس ڀٽو،مدثر دانش ڀٽو،خليفو غلام مرتضي' جروار ،قاسم جروار ،هادي بخش جروار ۽ ٻين ماڻهن دعا گهري تعزيت ڪئي.

بقايا سنڌيار 04

جي ڊوائيس هولڊرن جي دڪانن تي صبح کان رات تائين رقم جي آسري ۾ انتظار ڪرڻ جي باوجود رقمن کان محروم آهن ان سلسلي ۾ ڪيڏڻ ۾ 13 مان صرف 2 ڊوسيسون هلائڻ جي خلاف مستحق عورتن نسرين نورخاتون رحيمان الهبجائي ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته هو ٻن ڏينهن کان پاڙا پري اچن ٿيون ۽ ڪڏهن ڪيش نه هجڻ ڪڏهن وري نيٽ جو مسئلو چائيندي اي ٽي ايم ۽ ڊوائيسون بند ڪيون وڃن ٿيون جڏهن ته جيڪي عورتون ڊوائيس هولڊرن کي 500 يا 1000 روپيا ڏين ٿيون انهن کي رقمون ڏنيون پيون وڃن شهرين سليم ڪوڪر رفيق قاضي ۽ ٻين ٻڌايو ته تعلقي بدين ۾ ڊوائيس هولڊر مافيا جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن جنهن جي ڪري غريب عورتون انهن جي رحم ڪرم تي آهن انتظاميا بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جون رقمون شفاف طريقي سان مستحقن کي پهچائڻ ۾ ناڪام ٿي ويئي آهي ان لاءِ ضروري آهي ته اها رقم رڳو هڪ بينڪ ذريعي ڏيڻ جي بدران ٻين بينڪن ذريعي آسان طريقي سان مستحق عورتن تائين پهچائڻ واري عمل کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا سنڌيار 05

۾ نثار صديقي ٽائون جي وائيس چيئرمين ذوالفقار ڪوسو ۽ ٻين ميمبرن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪارڪنن سان ڳالهائيندي طارق چوهاڻ چيو ته پيپلز پارٽي بينظير ڀٽو شهيد جي فلسفي تي ثابت قدمي سان هلي رهي آهي. محترمه بينظير ڀٽو شهيد جي خوابن کي پورو ڪنداسين. بينظير ڀٽو انهن مان هڪ هئي، جيڪي صدين ۾ پيدا ٿيون ۽ وقت ان جي سوچ ۽ جدوجهد مان فائدو وٺي ٿو پهرين چونڊيل عورت وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو هڪ عظيم ۽ مثالي عالمي اڳواڻ هئي.

بقايا سنڌيار 06

جو اظهار هن سائيٽ انجنيئر سکر انجنيئر عبدالڪريم ملاڻو پاران سندس مان ۾ ڏنل آجيائي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي کيس ايوارڊ به ڏنو ويو ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ وڌيڪ چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت شهر کي مثالي شهر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۾ شهر جي بهتري لاءِ شهرين ۽ واپاري برادري کي به گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن شهر جي ترقياتي منصوبن کي مڪمل ڪري سگهجي ۽ نوان منصوبا جلد شروع ڪيا وينداان موقعي تي سائيٽ انجنيئر سکر انجنيئر عبدالڪريم ملاڻو اسسٽنٽ ايڊمن سائٽ عبدالله ملاڻو اڪائونٽنٽ وقاص شيخ، اي سي عزيز ٻگٽي سميت سکر جي سمورن معززن چونڊيل يوسي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمينن شرڪت ڪئي ميزبانن پاران مهمان کي سنڌ جو روايتي تحفو ۽ شيلڊ پيش ڪئي وئي. تقريب ۾ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ ميونسپل ڪارپوريشن سکر طرفان زمين جي بقايا رقم ٻن ڪروڙن جو چيڪ پڻ سائيٽ انجنيئر حوالي ڪيو

بقايا سنڌيار 07

ويو طوفان کي نظر ۾ رکندي ضلعي حڪومت پاران 30 هزار ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو. جنهن ڪاڻيءِ اهي امدادي ڪيمپن ۽ ايم هي ايز ۾ ترسيا ويا. جتي حڪومت طرفان کاڌ خوراڪ ۽ طبي سهولتون فراهم ڪيون ٻي ويون. جڏهن ته طوفان جو خطرو ختم ٿيڻ کان پوءِ هنن متاثرين کي واپس پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو. جنهن ڪاڻيءِ انهن ۾ خوراڪ جي سخت کوٽ پيدا ٿي وئي هئي سرڪاري امداد نه ملڻ ڪري غير سرڪاري تنظيمن پاران ريليف ڪم شروع ڪيو ويو انهي موقعي تي ڪاشف اقبال ٿلسيميا ملٽي سينٽر شڪاگو فرينڊس جي سهڪار سان سمنڊ اندر ٻيٽن تي رهندڙ 350 خاندانن ۾ راشن ورهايو. ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪاشف اقبال ٿلسيميا ملٽي سينٽر جي اڳواڻ خالد آرائين. پنهون عقيلي ايڊووڪيٽ ۽ شمائله خالد چيو ته اسان جوادارو نه رڳو قدرتي آفتن ۾ ماڻهن ۾ راشن ورهائيندو آهي ٻر گهر ٻر گهر ٺاهيندو آهي ۽ اهو ڪم سڄي پاڪستان ۾ هلندڙ آهي.

بقايا سنڌيار 08

چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي قربانين سبب اڄ ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي. ڀٽو خاندان ملڪ ۽ قوم لاءِ قربانيون ڏنيون آهن. سندن قربانين کي وساري نٿو سگهجي. اسان شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ڇڏيل مشن کي بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي پورو ڪنداسين. سالگره تقريب ۾ ميمبرن بابر قريشي. ۽ آفيس جي عملي شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 09

پي اي سيد امتياز شاه شيرازي، غلام قادر پليجو ضلعي ڪائونسل ٺٽي جي چيئرمين عبدالحميد پنهور، ميونسپل ڪميٽي ٺٽو جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ. ٽائون ڪميٽي گهارو جي چيئرمين جام احسان جوکيو، پير غلام رحماني شاه جيلاني، پير زين العابدين شاه، ممتاز علي ميمڻ، افتاب عالم سومرو، عبدالعزيز پڪيڙو، پير سڪندر شاه، پورو سرڪي، نور حسن سرڪي، ڊاڪٽر اسماعيل پليجو، شڪيل احمد بروهي، حاجي خان پارهيڙي، سهيل پليجو، حاجي منور هيلايو، اوپايو خشڪ، مجتبيٰ خشڪ، امين بروهي، عبدالحفيظ ٻگهڪ، رمضان پنهور، عبدالخالق سومرو، غلام حيدر سمون سميت پ پ پ اڳواڻ، چونڊيل نمائندن سميت ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي ايصال ثواب لاءِ خصوصي دعائون گهرڻ بعد سندس سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو. ان موقعي تي خطاب ڪندي وزير اعلي سنڌ جي معاون خاص پ پ پ ضلعي ٺٽي جي صدر صادق علي ميمڻ. امتياز قريشي. غلام قادر پليجو، سيد امتياز شاه شيرازي ۽ ٻين چيو ته ملڪ ۾ جمهوريت شهيد بينظير ڀٽو جي قربانين عيوض قائم ٿي اهي. هنن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي ملڪ لاءِ جمهوري ۽ عوامي خدمتن، آئين، پارليامينٽ جي بالادستي جي لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. هنن چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ پ پ پ پوري ملڪ مان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم بڻائيندي. هنن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو خون ڪڏهن به رائيگان نه ويندو. سندن قربانين عيوض ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي.

بقايا سنڌيار 10

صديقي، سيد سلمان شاه، قادر بخش عباسي، خادم حسين چاچڙ ،ڊاڪٽر محمد نواز چنه ۽ ٻين ڪئيو. تقريب کي خطاب ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي صدر ،وائيس چيئرمين مير بابر علي خان لنڊ چيو ته پاڪستان ۾ ڀٽو خاندان جون لازوال قربانيون آهن. اڄ مسلم دنيا جي پهرين وزيراعظم خاتون اول جي سالگره آهي اها اسان کان جسماني طور تي پري آهي پر روحاني طور تي اسان سان هميشه گڏ آهي، جنهن جو نذريو ۽ منشور جو علم پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ڪو چيئرمين آصف زرداري بلند ڪيون بيا اچن. آخر ۾ شهيد جمهوريت بينظير ڀٽو جي ايصال ثواب خاطر دعا پڻ گهرائي وئي.

بقايا سنڌيار 11

